


# نِما شام

(شاعري)

تانيا ٽيپو

نئون نياپو اڪيڊمي
سچل ڳوٺ، ڪراچي، سنڌ

ڊجيٽل ايڊيشن :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر



نما شام :تانيا ٽيپو
www.sindhsalamat.com

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون **”نما شام“** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب محترمہ **تانيا ٽيپو** جي شاعريءَ جو مجموعو آهي. مسرور لکي ٿو:

”تانيا جي شاعري پڙهندي مون کي اهو محسوس ٿيو تہ هيءَ شاعري ديوانگي نہ پر دانشمندي آهي. توڙي جو عشق ۾ شاعري لاءِ ديوانگي وڌيڪ سازگار هوندي آهي پر تانيا جي شاعريءَ جي خوبي اها سوچ ۾ دانش آهي جيڪا هن جي پنهنجي آهي. هن خاموشيءَ سان مختلف ماڻهن جو مشاهدو ڪيو آهي ۽ انهن کي پنهنجي نظمن ۾ جيئن جو تيئن پيش ڪيو آهي.“

هي ڪتاب **نئون نياپو اڪيڊمي، سچل ڳوٺ ڪراچي** پاران 2016ع ۾ ڇاپيو ويو. ٿورائتا آهيون پياري دوست انعام عباسيءَ جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي، مهربانيون سائين عزيز ڪنگراڻيءَ جون جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساٿين وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**

sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**






ڪتاب جو نالو: نما شام
شاعر: تانيا ٽيپو
تعداد: هڪ هزار
ڇاپو پهريون: ڊسمبر 2016
پاران: نئون نياپو اڪيڊمي،
C_4 سچل ڳوٺ, گلشن اقبال ٽائون, ڪراچي سنڌ
Ph#021_32624153, 34690389
Cell#0333_2311582
مُلهه **400=**

# ارپنا

پياري امان

## نسيم ٽيبو

ءَ

منڙي پيڻ

## انيتا اعجاز

جي نالي

نما شام :تانيا ٽيبو
www.sindhsalamat.com

# فهرست


- مهاڳ : ”جيون جي هن رستي ۾ !“ — امداد حسيني /11
- ڏيئن جي قطار ۾ پرندڙ شاعري : — حسن مجتبيٰ /17
- خواب هيا زنجير جيان : — مسرور پيرزادو /25
- ڳالهه شاعري : — تانيا ٽيبو /30


## شاعريءَ تي ترتيب


- سارَ جو سمنڊ/41
- ڪر دعا/42
- لفظن جي ويڙهه /43
- هوريان هوريان/44
- ننڊڙي ٻار جيان/45
- جِيئَڻِ جنجال /46
- قدم قدم/47
- چنڊ چمڪيو هو/48
- خوابن کان ٻَنواس/49
- شام سَنگي هئي/50
- موٽي اچ!/51
- پيچرا پاڻ ۾/52
- مون سان هُو سال کان مليو ناهي/53
- ياد تہ ايندو هوندين پرين!/45
- جيون جي هن رستي ۾/55
- الجهيل دل/56
- نيڻ برسات ۾/57
- وِڇڙيا ويڙهيچا/85
- اي پَري پيڳر/59
- ڏينهن چڙهيا هِن موسم جا/60
- تنهنجيون اکڙيون نِيل ڳمل/61


نما شام :تانيا ٽيبو
www.sindhsalamat.com

- پڪَ نہ آ هُو موتي ايندو/62
- اي بادِ صبا چئو ڪهڙا هُيا/63
- لِيڙَ لِيڙَ لوئِي/64
- تنهنجي مِٺين ڳالهين جا/65
- هُئي سرد هوا بيدرد هوا/66
- تو ڪونہ چئي ڳالهہ/67
- ها دل پاڳل ديواني هئي/68
- هُن پرچڻ ۾ جو دير ڪئي/69
- احساس جيان هو/70
- هُيو تو سان پيار شايد/71
- وَرِي باک ڦُٽي آ/72
- بيوس ۾ لاچار ٻڌائي/73
- بادلن ۾ پريا رنگ/74
- دل نہ آ مڃڻ واري/75
- سِج لٿي سوچن جا/76
- ان کان اڳ جو وِڇڙي وڃجي/77
- تو کي رازِ دل ٻڌايون/78
- راز دل جا/79
- رُسڻ بہ جڻ ڪا راند هجي/80
- من مائل آ/81
- پَنک پکيڙي اُڏريو پنڇي/82
- هر پل قرضي رُوح جو آ/83
- چوڏاري چانڊاڻ ڪري ويو/84
- ٽڏڙي اُتر هير گھُلي پئي/85
- ڳالهہ ساڳي آ پرين/86
- هنُ جي نيڻن کان/87
- سَنجها ڪولي وار ستي آ/88
- اجا هيءَ ابتدا آهي/89
- دل تائين رَسڻ/90
- دل ۾ صحرا بہ آ دريا بہ آ/91
- شام سِتارا/92
- بادل پرجي پريسيا هوندا/93




www.sindhsalamat.com


- پکي پرديس کان ايندا/94
- اوچا ڳاٽ ڪري بيٺا هِن/95
- نہ وک وڌائي/96
- تنهنجي پيي حال مان/97
- تنهنجي ڪچي پکي چت/98
- رات گھلي آ هير جيان/99
- اکڙيون/100
- توسان دل جي ڳالهہ/101
- پرجي ايندا نيڻ ڪنول/102
- سرد سياري جھڙيون/103
- ايڏي پَٽ کوھ/104
- سانوڻ جا ڪارا ڳڪرَ وَسيا/105
- ايڏي گوڙَ ۾ ايڏي شرتا/106
- ڪر ڪٽي ڪڪريون اُتيون/107
- جي ٿون خوابن ۾ اچين هان/108
- وَڻَ ويڙهي/109
- وَقتَ جي وِيرَ اُٿي/110
- چلڙو/111
- چو تو ائين ويچا وڌائين/112
- جن جون ڳالهيون وَرَوڪڙ/113
- پيچرا/114
- پُلِ صراط آ/1507
- سِرَ جو قسم کٽي/116
- هٿ ٻڌل ۾ تنِ تي پهرا/117
- مِٽيءَ هاٽا پَنڌَ پُراٽا/118
- واهڻ ۾ وسڪارا/119
- اداس رات جو قرض/120
- پاٽي/121
- تنهنجي حساب ۾ آ/123
- رُوميءَ جي رِلهي/124
- گهَٽ گهيرَ هُيا/125
- ڏُور آنڌيارا ڪارا بادل/126




www.sindhsalamat.com

- اڄ جَڳ کان خُلاصائي/127
- ٻَڙَ جي گهاٽي ڇانوَ/128
- ٿُون ڪِٿي سَمجهندين/129
- ڏس تو ڪيڏي دير ڪئي آ/130
- ذَرا دل کان پُڇي ڏس/131
- شهرِ قاتِل/132
- هوءَ ڇوڪري/133
- هل تہ اُن پار هلون/134
- خواب اسان جا باغي آهن/135
- هن شهر ۾ ڪا عدالت ڪِٿي آهي؟/136
- غمن جي شام/137
- پريت جي پاٽي ڏِکَ لاءِ/138
- تنهائي/139
- هُو دل ۾ رهي/140
- ٻيڙي دريا آسمان/141
- گُلَ صحرا ۾ ڦُٽڻ لڳندا هن/142
- يادن جون دريون/143
- پرينءَ جو گهر/144
- اَنگ اکرن کي ڪري گڏ/145
- خواب آ يا خيال آ/146
- جيون جهيڙا/147
- سمنڊ ۾ شام/148
- جڏهن مون سوچيو ٿي پِريات/149
- اَگر مَگر/150
- ايڏي ڇو گجگوڙَ ڪرين ٿو؟/151
- اي هوا پيرا کڻي/152
- تو سَجڻ ڪهڙا ڪيا/153
- نہ پُڇ دل کان اوسئيڙو/154
- ڪي ميٺائيون تہ ڪي مرمرين/155
- بيخواب لمحن ۾/156
- من – پنڇي/157
- هُو ڇون ٿا/158





- وَرِي اُهي بارشون/159
- پيار گهڙيون چار/160
- سَمجهين نہ سَمجهين/161
- وار ڇيڙهيل ڇَڳُون وچڙيل/162
- گورِي گِرجا گِهنڊ وڄن ٿا/163
- اي هوا/164
- هيءَ ڪِلَ هيءَ خوشي/165
- بي انت/166
- عرب اِسپرنگ/167
- آخري پهرَ جو چنڊ/168
- هي قافلو ڪهڙو قافلو آ؟/169
- او سَڪي تنهنجي سنگَ جي/170
- تَرڪَشَ ۾ تيَر ڪئين ها/171
- هُو شهر هو بيحد حسين/172
- تنهنجي اکين ۾/173
- درد بس وڌندو ويو/174
- سوچن مان ٿو سپرين/175
- عَڪس ڇَڏي ويو ڪيترا/176
- ڇو اداس راهن ڏانهن/177
- ڇا خبر تنهنجو فسانو/178
- منصف بہ تون/179
- آسمانَ جي هنجُن ۾/180
- نہ چمڪيو چنڊ ٻيهر/181
- ورق ورق سا نڍي/182
- ڳاءِ اڃان ڪجھ ڳاءِ/183
- رُت آئي ڳاڙهن ٻيرن جي/184
- پڙاڏو/185
- او لفظن جا جادوگر/186
- بهانا ڪئين ملي ويندءِ/187
- رُوميءَ جو رُباب/188
- اي انسان/189

# جيون جي هن رستي ۾ !

***اي هوا تون ته ڪا چري آهين***
***جن تي هڪ پل هلڻ سان دم نڪري***
***تن ئي راهن ۾ تي گهُلڻ چاهين***
**(اي هوا)**

***اُها*** ٻارڙي مون کي اڄ به ياد آهي، جيڪا پنهنجي ماءُ ۽ ننڍي ڀيڻ سان، ڄامشوري ۾، سنڌ يونيورسٽيءَ جي گهر ۾ رهندي هئي. هُن جي ماءُ ڪماٽيڪار هئي ۽ جڏهن به سندن گهر وڃڻ ٿيندو هو تڏهن اسان جون ڳالهيون ڦري گهري ادب تي اچي وينديون هيون. اُهي ٻارڙيون، هوءَ ۽ سندس ڀيڻ، اُهي ڳالهيون ٻڌنديون رهنديون هيون. اڳتي هلي سندس ڀيڻ به انهن ڳالهين ۾ شامل ٿي ويندي هُئي، مون کي لڳو ته اُن جو لهجو تنقيدي وڏيڪ هوندو هو جنهن ۾ تلخي هوندي هئي! اِهي تنقيد جا جيوڙا ڪيس شايد پيُ کان مليا هئا.

اُن ٻارڙي جو نالو “تانيا” آهي. سندس ماءُ جو نالو نسيم ٿيٻو ۽ ڀيڻ جو نالو انيتا. نسيم اڪيلي سر ٻنهي ـ انيتا ۽ تانيا — کي پاليو، پڙهايو ۽ وڏو ڪيو. نسيم ۽ انيتا هاڻي هن دنيا ۾ ناهن! (پر اسان جي دل جي دنيا ۾ آهن).

مون کي ياد آهي ته هڪڙي ڏينهن سحر ۽ مان سندن گهر ويٺا هئاسين ته تانيا هڪ ڪاپي کڻي آئي ۽ اچي مون کي ڏنائين. ڪاپيءَ ۾ سندس شاعري لکيل هئي. هُن چاهيو ٿي ته مان اُهان پڙهان ۽ راءِ ڏيان. سچ پڇ ته مان سندس شاعريءَ ۾ گم ٿي ويس. پڙهي، ڪاپي ڪيس موٽايم ۽ “مهراڻ” لاءِ هُن کان سندس شاعري گهريم. نسيم، هُن کان ڪاپي وٺي پاڻ وٽ رکي ۽ هُن کي شاعري ڏيڻ کان جهلي ڇڏيو! اُها هڪ اڇرج جوڳي صورتحال هئي! مون لاءِ، تانيا لاءِ ۽ خود نسيم لاءِ به! هوءُ پاڻ جن ڏکين



حالتن مان اُڪِتي هئي، شايد تن کان هُن تانيا کي بچائڻ ٿي چاهيو! ۽ پنهنجي ڪوڙي ۾ لڪائي ٿي رکڻ چاهيو!

انڪري سيني جي انهيءَ زندگيءَ جي حصي ۾ مناڻ گهٽ، ڪوڙاڻ وڌيڪ آهي، جنهن جو ڇٽ تانيا جي سِٽن ۾ هيئن ڇٽيو ويو آهي:

***درد هُيو حاوي هر شئيءِ تي***
***ڄڻ ته حياتي***
***ماڪيءَ مَک جو ڏنگ هجي!***

ان ڏَس ۾ “بابا رانديڪا نه کپن” نظم جو مثال ڏئي سگهجي ٿو.

تانيا جا جذبا، احساس ڪومل، نرمل ۽ اڇيا آهن. انهن جذبن ۽ احساسن کي هن ڏاڍي سَرلتا ۽ سهجتا سان اظهاريو آهي.

شاعري وهندي پاڻيءَ جيان پنهنجو گس پاڻ ٺاهيندي آهي ۽ هر هٽرادو روڪ رنڊ کي ٽوڙي ڇڏيندي آهي. شاعري جو ذهن ڪنهن به وهم ۽ وسوسي کان آجو هئڻ کپي.

تانيا جو آواز ڄڻ ڏُور کان ويجهو ۽ ويجهو کان ٿيندڙ آواز آهي! جيڪو اسان کي ٻڌڻو پوندو، ڇا ڪاڻ ته اهو آواز اسان لاءِ آهي!

***هر شعر دل جي خوف ۾***
***ٻوڙي لکيو هيوسين***
***ڪنن ۾ وجهي ڪپه هُو***
***ٻڌندو رهيو اسان کي!***
***(سِرَ جو قسم کڻي)***

انهن سٽن ۾ “هُو” ۽ “اسان” جي لغتي ۽ اصطلاحي منعيٰ کان اڳتي جي معنيٰ آهي، ذات ۽ اجتماع کان به اڳتي جي معنيٰ، زمان ۽ مڪان سان جُڙيل به، ته اُن کان مُڪت به. دل جي خوف ۾ ٻُڏي/ (اُپڙي!) اهو شعر “ڪلهه” لکيو ويو، “اڄ” ان کي پڙهي ۽ ان تي لکي رهيا آهيون، ۽ سياڻي؟! ڇا سياڻي به ائين ئي ڪنن ۾ ڪپهه، پيل هوندوا؟ ۽ شاعر کي ٻڌڻ جو ڍونگ ٿيندو رهندو؟!

مٿي تانيا جي شروعاتي شاعريءَ جي ڳاله ڪئي اٿم. جڏهن ماڻس (نسيم ٿيٻو) اُن کي ڇپڻ کان منع ڪئي هئي، پر اڳتي هلي، مون ئي تانيا جون تخليقون ـ شاعري توڙي ڪهاڻيون ـ ٽي ماهي “مهراڻ” ۾ ڇپيون. اُن کان پوءِ، وقت جي وِيرَ، ڪنهن کي ڪٿي وڃي اُڇلايو؟ ڳَل ئي

نہ پئي! پر جڏھن بہ ڪٿي بہ هوءَ ملي يا هُن جو ذڪر نڪتو تڏھن سندس لکڻ بابت ضرور پُڇندو رهيس. اج جڏھن سندس پهرين مجموعي "نِما شام" جو ڪمپوز ٿيل، ڪجھ هٿ سان لکيل اسڪرپٽ ڏٺم، پڙھيم تہ اھا خوشي ٿي تہ هُن لکڻ ۾ لکڻ هُن کي نہ ڇڏيو آهي. اهو هُن جو ۽ اسان جو سڀاڳ آهي تہ هُن جون تحريرون پهرين ڇپجي ۽ پڙھجي چُڪيون آهن.

تانيا بنا ڪنهن مڪ چڪ جي ڳاله ڪري ٿي سادي سودي پيرائي ۾ اندر اوري ٿي. پر هن جي سادگيءَ ۾ هڪ سگھڙ جي، خاص ڪري موجوده دور جي سگھڙ جي سادگيءَ ۾ فرق آهي، بلڪل ائين جيئن لطيف جي عواميت ۽ اسان جي دور جي ڪنهن شاعر جي عواميت ۾ فرق آهي. تانيا وٺ روچ پٽڪو بہ ناهي، سکڻي نعريبازيءَ وسيلي شهرت ماڻڻ جو هنر/ چالاڪي وٽس نہ آهي. شاعريءَ ۾ سادگيءَ مان مُراد سادن سُودن لفظن ۾ ڳوڙھي ڳاله ڪرڻ آهي. تانيا، جيتري ڳاله آهي، اوترن ئي لفظن ۾ ادا ڪرڻ ۾ سقل آهي، ڏات هڪ ئي وقت اوچائين، وسعتن ۽ گهرائين کي ڇهڻ جو آرٽ آهي:

***ڇو اج هردو هرڪيو آهي؟***
***ڏور اُفق ڏانهن اُڏرڻ لاءِ،***
***من جو پنڇي سنپريو آهي!***
***(من- پنڇي)***

"تون اهو سچ آهين" هڪ اهم رچنا آهي. سچ کي مخاطب ٿي چيل آهي اها رچنا. سچ جيڪو روشنيءَ ۽ حرارت جو ذريعو آهي، جيڪي زندگيءَ لاءِ لازمي آهن، زندگي جيڪا ڌرتيءَ جي گولي تي آهي. هاڻي جڏھن اهي سچ لهڻ وارا آهين، ڪنهن ٻي ڌرتيءَ تي اُپرڻ لاءِ! تڏھن توکان هيءَ ڌرتي وسري وئي آهي:

***تون مست مگن آهين***
***پراون آسمانن تان***
***پراين ڌرتين تي اُپرڻ لاءِ!***

ان رچنا ۾ ڇهن آسمانن (پراون) جو ذڪر آهي. ستون آسمان، اسان جي پٽيءَ جو آسمان ۽ اسان جي ڌرتي ڪٿي آهي؟ جڏھن تہ سچ تہ اُپريو هو پنهنجي ڌرتي لاءِ، پنهنجي پٽيءَ جي آسمان تان!

پر اُن جي آڏو راڪشش ڪارا ڪڪر اچي ويا! جيتوڻيڪ اها



منهنجي سوچ آهي، پر اها سوچ ان رچنا "تون اهو سچ آهين!" ڏني آهي، شاعريءَ جي ڪاميابي اها بہ آهي تہ اُها جتي ختم ٿئي ٿي، اُتان ئي اُها شروع بہ ٿئي ٿي ۽ ائين تڏھن ئي ممڪن آهي، جڏھن اُهو شعر، نظم يا رچنا پڙھندڙ ۾ هڪ سوچ اُڀاري.

تانيا جي هيئتي تجربن کي پابند، نيم پابند، آزاد ۽ نثري شاعريءَ ۾ ورهائي سگهجي ٿو:

***تنهنجي ياد جا مخمل***
***جسم کي ويڙهيندا ويا***
***(سچ لٽي سوچن جا)***

اهي هئيتي تجربا ٿي ويندا آهن. ڇپجڻ ڪان اڳي (توڙي پوءِ بہ) انهن ۾ لفظن جي، سٽاءَ جي ڦير گهير ٿيندي رهندي آهي. ڪجھ لفظن/ سٽن جو ڪٽجڻ يا واڌارو سپاويڪ آهي. "پنڪ پکيڙي اُڏريو پنڇي" ڪمپوز ٿيل نظم ڇئن سٽن جو آهي:

***پنک پکيڙي اُڏريو پنڇي***
***هردي کي هِرڪائي ويو***
***بس خاموشيءَ جي ٻوليءَ ۾***
***ڇاڇا ڪو سمجهائي ويو***

پر ان صفحي تي صفا مٿي هي بہ سِٽون هٿ سان لکيل آهن:

***سارنگ اهڙو سُر ڇيڙيو جو***
***روح سندم ريجهائي ويو***

اهي بہ سٽون، ظاهر آهي تہ پوءِ لکيون ويون آهن ۽ پد سُريليون سِٽون آهن. هاڻي اهي اِن نظم ۾ ڪٿي ايندين؟ جيئن سِٽ ۾ هر لفظ جو پنهنجو پد آهي، تيئن هر سِٽ جو بہ پنهنجو پد آهي ۽ هر نظم ۽ رچنا جو بہ. ان ريت هر شاعر ۽ شاعريءَ جو بہ پنهنجو پد آهي ۽ منهنجي راءِ ۾ تانيا ۽ سندس شاعريءَ جو بہ شعري اتماس ۾ هڪ پد آهي ۽ اُهو سجوڳو پدئي آهي:

***چنڊ چمڪيو هو رات پي شايد،***
***پر تنهنجي ياد ۾ ويو وسري،***
***وقت گذرڻ ڏکيو هيو ڏاڍو***

***پر تنهنجي ياد ۾ ويو گذري.***
***(چنڊ چمڪيو هو)***

شاعريءَ ۾ هر صنف جون پنهنجون گهرجون آهن، انهن جو پورائو لازمي آهي. تانيا جو شاعريءَ جو ڪمپوز ٿيل مواد جڏهن پڙهي ورتم تڏهن اهو ڏسي اچرج ٿيم تہ هُن رائج گهاڙيٽن /صنفن۔ گيت، بيت، وائي، ڪافي، غزل۔ بدران نون گهاڙيٽن جي چونڊ ڪئي آهي ۽ اُها شعوري نہ، پر لاشعوري طور ٿي وئي آهي. اڄ جڏهن گهڻي ڪاهہ غزل لکڻ تي آهي ۽ ائين گهڻو ڪري سهل پسنديءَ/ فيشن طور ٿي رهو آهي. (ٻين صفن سان بہ ساڳي ڪار آهي!) تڏهن تانيا جي شاعريءَ ۾ غزل يا ٻين رائج صنفن جي نہ هئڻ جو جيڪو ڪارڻ مونکي سُجهي ٿو تہ خيال جنهن هيئتي روپ ۾ آيو آهي، ان ۾ ئي لکيو ويو آهي. جيتوڻيڪ ان ۾ سُر توڙي عروض تي شاعري آهي، مثلاً

"چنڊ چمڪيو هو" کي اسين قطو سڏي سگهون ٿا، پر تانيا انهي کي نظم طور تي ورتايو آهي، يا جيئن "جيئڻ جنجال" آهي، جنهن ۾ مطلع ۽ ٻہ شعر آهن ۽ عروض تي آهن، مقفيٰ ۽ مردف بہ آهن:

***جيئڻ جنجال سمجهي مون ڇڏيو هو***
***ڪئين نہ مان پويان ڏسان هان تو سڏيو هو***
***دل ڪڏهن ڪنهن کي بہ پرچائڻ نہ چاهيو***
***ڪيئن نہ مان ڳوڙها اُگهان ها تو رُنو هو***
***درد ڪو دل سان ڪڏهن وڻيو نہ آهي***
***ڪيئن نہ مان مُرڪي وڻان هان تو ڏنو هو***

پر تانيا ان کي غزل سمجهي نہ لکيو آهي شايد! ان ريت هنءَ سنڌي شاعريءَ کي نت نوان گهاڙيٽا ڏنا آهن. هُن وٽ موضوع / خيال جي اهميت آهي، جيڪو پاڻ ساڻ فارميٽ بہ ڪٽي آيو آهي، جيڪو پابند، آزاد يا نثري ٿي سگهي ٿو. انهن سِٽن ۾ سَڏ، ڳوڙها، درد — جنجال جيئڻ کي جيئڻ جوڳو بنائين ٿا، ان ڪري بہ تہ اهو سڏ هُن جو آهي، اهي ڳوڙها هُن جا آهن، اهو درد هُن جو ڏنل آهي، جيڪو مُرڪي وڻيو آهي:

***رات چمڪي هئي هڪ پل***
***ڏِئي کان ساٿ وئي***

اهي نظم "وقت جي وِيرَ اُتي" جون آخري سٽون آهن. وقت جي وِيرَ لاءِ ڪنهن کي ڪٿي وجبو سَتي! ڪنهن کي ڪهڙي ڳَلَ؟ شاعر اَن وقت



جي وِيرَ کي واري سگهڻ جي سگهہ رکي ٿو ۽ لفظن جي ٻُڪ ۾ نئون پاڻي پري ٿو، پر هُن جي آڱرين ۾ رهجي ٿي وڃي مِٽي! ڇا جيون جو ارٿ اهو ئي آهي؟ تہ پوءِ جيئڻ کي ڪهڙي معنيٰ آهي؟ ڌرم، مذهب، فلسفي ۽ سائنس جا ان ڏس ۾ پنهنجا پنهنجا نظريا آهن. شاعريءَ جا بہ آهن. شاعري زندگيءَ جي بي معنويت کي معنيٰ عطا ڪري ٿي. ٻاٽ ۾ لفظن جي لاٽ ٻاري ٿي.

سٽن جو سُهائو ڪري ٿي هاڻي سوال اهو آهي تہ اهو سڀ ڪجهہ ڪنهن جي لاءِ ڪيو ٿو وڃي؟

***ان کان اڳ جو وِڇڙي وڃجي،***
***گڏجي ديپ جلايون ڪوئي.***
***دنيا جي هن شور کان پري،***
***دل جو ساز وڄايون ڪوئي.***

۽ انهن سِٽن ۾ مٿئين سوال جو جواب هَڪيو آهي - گڏجي ديپ جلائڻ، دل جو ساز وڄائڻ_ تانيا ، هڪ شاعر جي حثيت ۾ پنهنجو اُهوئي بنيادي فرض نڀائي ٿي۔ ديپ جلائڻ ۽ دل جي ساز وڄائڻ وارو پر اسان سان گڏجي ۽ "اسان" ؟ اُهي ئي آهيون، جن کي تانيا پنهنجي شعري تجربن ۾ شريڪ ڪيو آهي ۽ مان تانيا کي سندس ئي هڪ نظم "جيون جي ان رستي ۾" جنهن ۾ اسين هن سان، هوءَ اسان سان ساٿ ۾ آهي، پيٽ ڪندس.

**ڳاءِ اجان ڪجه ڳاءِ،**
**سُرَ جي سُرخ ڏياٽيءَ جي،**
**اجان نہ لاٽِ وِساءِ.**
**مَنَ جي اُجري چادر کي،**
**نيٽن ساڻ وڇاءِ.**

**امداد حسيني**

ڪراچي سنڌ
26.10.2016

# ڏيئن جي قطار ۾ پرندڙ شاعري

**اٺويہ** سو اسي جي ڏهاڪي ۾ ولي رام ولڀ جي ٽماهي (جرنل) ا دبي رسالي ۾ تانيہ ٿيٻو جي نالي سان سندس شاعري جڏهن پهريون ڀيرو شايع ٿي هئي تہ سنجيده شاعري جي ڪيترن ئي پڙهندڙن کي حيران ڪري ويئي هئي. هڪ اهڙي سهيوڳي ادب جي رسالي ۾ (جنهن کي مان اڄان تائين مس ڪندو آهيان ائين جيئن اٺويہ سو ستر ۽ اسي جي انهن سالن کي ۽ انهن سالن واري سنڌ ۽ حيدرآباد کي ڄامشوري کي) ڇپجندڙ اها شاعري سا بہ سچي پچي هڪڙي خاتون جي (ڇاڪاڻ تہ تڏهن ڪيترا هاٺوڪا نامڪنيا سنڌي شاعر ۽ اديب تڏهن اخبارن جي ادبي صفحن ۾ سندي ردي جي ٽوڪري ۾ وجهڻ جهڙي شاعري ۽ ڪهاڻي ڇپرائيندا هئا يا وري پيو نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ هلال پاڪستان ۾ فهميده حسين جي سگهڙين سٿ ۾ خط ئي ڪنهن ڇوڪرِي جي نالي ۾ پيا لکندا هئا. اها ٽرِڙائپ اڄ بہ آهي پر رڳو اها سائبر زماني ۾ پهچي چڪي آهي جتي اديب غير اديب ڪوڙين سچاڻپن سان هڪٻئي کي خوار ڪري رهيا آهن. نڙگهٽن تي ننهن رکي سچا ڏينهن سڄيون راتيون وينل آهن يا وري پوءِ مايون ٻڍجي عورتن کي گاريون ويٺا ڏين) خير. پر فوجي آمر ضياء جي انهن ڏينهن ۾ هڪِڙي اصلي نسلي ڇوڪري جي نالي واري شاعري سا بہ نون نڪور خيالن وارا نظم

نثري نظم جرئت وارا بنا ڪنهن لفاظي ۽ نعري بازي جي اهڙا موضوع ڇهندڙ جيڪي اڄ بہ سنڌ جي جنت توڙي ملڪي جهنم آدم توڙي حوا لاءِ ڪٽڪ جو داڻو بڻيل هجن انهن کي تڏهن جن عورتن جي قلم ڇهيوڻي انهن ۾ سنڌي ٻولي ۾ نورالهدا شاهہ نسيم ٿيٻو اسانجي ميران ۽ ملڪ پيرزاديون، خيرالنساء جعفري (جنهن کي سنڌي ادبي لڏي، خبر ناهي انکي "لڏو" الائجي ڇوٽا ڇون يعني. لاڏائو قبيلن جو لڏو جي سڏڻ کان بہ



گهڻو گهڻو اڳ "ادي گڏيءَ ڇوندا اڇون ) ۽ هي تڏهن نئين اڀرندڙ شاعره تانيہ اڪيلي سِتاري جيان شعاع ڪرڻ شروع ڪيو هو. هي تانيہ ڪير آهي خبر ٿي؟ ظفر اڄڻ فهميده رياض کي ڇيو هو جڏهن اسان ڪيس ساٿس ملهائهجندڙ شام جو دعوتنامون ڏيڻ ويا هئا سين جنهن ۾ هڪڙي ڳالهائيندڙ تانيہ ٿيٻو بہ هئي

ان کان ڪجه سال اڳ خبر پيئي تہ اها شاعره تانيہ ٿيٻو سنڌ جي ڪهاڻيڪار نسيم ٿيٻو ۽ رسول بخش پليجو ( سياست ۽ سياسي نثر جو رسول غمزه توف) جي ڏيءَ، سنڌي ناول جي خاتون اول بادام ناتوان جي ڏهٽيءَ، اسانجي دوست مير ٿيٻي (مير ٿيٻي اسانجي نسل کي ائين پئي متاثر ڪيو آهي جيئين هڪڙي آمريڪي نسل کي جان لينن ۽ بوب مارلي يا بوب ڊيلن، ۽ ذاتي طور مونکي فرانسيسي دانشور ۽ اڳوٽي انقلابي ويڙهاڪ رجس ديبري، فلاسافر مشل فوڪو ۽ زاهد مخدوم، سيف ٻنوي) جي ڀاٽيجي، ۽ منهنجي پياري مان پياري دوست اعجاز منگي جي پو جيون ساٿياڻي اسانجي دوست انيتا جي نويڪلي ۽ وڏي ڀيڻ آهي. ابو هن مهل يادن جي درين مان ڪيڏو نہ وڏڦڙو اڇي من جي ڪچي ڪوٺي کي آلو ڪري رهيو آهي. بس فقط هڪڙي ساروٽي: روزي ڪارنر تي مونکي منهنجو پيارو امداد چانڊيو وٺي ويو هو. اها اعجاز منگي سان دوستي کان گهڻو اڳ جي ڳاله آهي. ذولفقار علي ڀٽي کي ڦاسي کان ٿورو پوءِ. تڏهن ضياالحق جا جاسوس ۽ گسٽاپو امداد کي ڳولڻ لاءِ نوس نوس ڪندا وتندا هئا ۽ امداد مزي سان گهمندو وتندو هو پنهنجن سياسي ڪمن ڪارين سان. هن جي ٽيپ سدائين سندس ورن ۾ ٽميل هوندي هئي يعني مارشل لا مخالف سائيڪلواسٽائيل پئمفليٽ ۽ اخبارون. شيخ اياز ڇوڙي "اڄ بہ گسٽاپو گهر گهر وجهي ڪنبٽي". روزي ڪارنر تي منهنجي پهرين ۽ آخري ملاقات هن "خوشخصلت خاتون" جي سرجڻهار امان بادام ناتوان، ۽ هن پٽن مير ٿيبي، ۽ مختيار سان ٿي هئي. بادام ناتوان ڪيڏي نہ قربائتي ۽ مامتا سان پرپور خاتون هئي. ساڳيو مختيار پڻ. بادام ناتوان چوي ابا توهان منهنجي پٽن ۽ منهنجي ڏي جهڙا آهيو.۽ مختيار منهنجي وڏيل هپي ڏاڙهي ڏسي چوي مونکي ڏاڙهين کان ٻچان لڱندي آهي.ڪوڙين چو نہ ٿو؟" سچي ڳالہ تہ اها آهي مونکي ڪيئن ڪم تڏهن ڪانہ ايندا هئا يا انهن کان بور ٿيندو هوس انهن ڪمن ۾ روز يا هر ٽين چوٿين ڏينهن ڏاڙهي لاهڻ

ٻـ شامل آهي. جيئين سائيڪل هلائڻ ۽ ڊرائيونگ ڪرڻ، سموري اسپورٽس، ۽ اخباري رپورٽنگ ۾ ڪنهن نام نهاد شخصيت ( اها ٻي ڳالهـ آهي سڀ شخصيتون ٿينديون ئي نا نهاد آهن) جي پويان ڪڏ لڳي خبر لا سوال پڇڻ يا هنڪي فون ڪرڻ.

سو منهنجي ڏاڙهي تي هر هر ٻچان ڪائڻ واري مختيار ڪي بادام ناتوان چيو جي توکي هن جي ڏاڙهي ايتري ٻـ نـ ٿي وڻي تـ تون پاڻ چو نـ ٿوڪوڙينس. پو مونکي آئينو ڏيندي الا ڪيڏي پيار ۽ چرچن سان مختيار پاڻ پنهنجي هٿن سان ڏاڙهي ڪوڙي هئي. بادام ناتوان ماني ڪارائي هئي، چانه پياري هئي. اڄ تائين نـ ٿو وسري. هو بارش ۾ نازبوءَ جي خوشبوءَ جهڙو ماٺهو مختيار ٽيٻو ڪاڏي ويئي بادام ناتوان، ڪاڏي ويئي نسيم ٽيٻو جنهن منهنجي دوست آغا سعيد کي آٽو گراف ڏيندي لکيو هو " وتايو فقير سنڌ ۾ روز روز پيدا نـ ٿيندو. سگهارو ره وڻ جيان ڪامريڊ!" سوچيان ٿو مختيار جهِڙا ماٺهو ٻـ تـ وتايي جهڙا هيا ۽ هنن جي ماءَ وتايي جي ماءُ جهڙي جنهن چيو هو پٽ هرڪو پنهنجي جهنم جو ٿاندو پاڻ سان هن دنيا مان ئي کڻي وڃڻو هوندو آهي. مير ٿيٻي کان مون هڪ ڪتاب رجس ديبري جو "استريٽجي آف ريووليوشن" اڌارو ورتو هو. اها روزي ڪارنر تي شايد منهنجي آخري شام هئي. گهڻن ڏينهن کانپو مير جي ڳولا ۾ روزي ڪارنر تي فوجين ڇاپو هنيو هو شايد هو مير عيوض مختيار کي کنيي کڻي ويا هيا..

گهڻا سال پوءِ جڏهن منهنجي اعجازمنگي سان دوستي ٿي تـ ڄڻ هڪ ٻي عجيب دنيا سان دوستي ٿي. يعني تنهنجي دنيا ست رنگ سانول. مان هن سان گڏ ڄامشوري ميڊم نسيم ٿيٻو جي گهرويندو رهيس. جتي منهنجون تانيہ ۽ انيتا سان ملاقاتون ٿيون. هنن جي ڊرائنگ روم ۾ ڇي گويرا جي هڪ منفرد رنگن ۽ خاڪن واري پوسٽر سان گڏ البر ڪاميو ۽ دوستووسڪي (جنهن جو هاڻ منهنجو پٽ وڏو ڪتابي ڪيڙو آهي) جا ڪوڙ سارا ڪتاب ٻـ هيا. مونکي اعجاز ٻڌايو تـ اهي گهڻا تانيہ جا آهن..

سوڳاله تانيہ ۽ هن جي شاعري کان ٿيندي يادن جي ور چڙهي ويئي. خدانخواستہ تانيہ انڪري شاعره نـ هئي جو هن جا ڏاڏاٽا ۽ ناناٽا وڏا شينهن هئا پر هوپنهنجي وات وڪيل هئي. ڏات نـ آهي ذات تي جو وهي سو لهي. بس هو ٻـ ڪروڙين عورتن جيان نسيم هجي يا بادام ناتوان يا



منهنجي گهر جو مايون مردن جي ٺاهيل دنيا، ڇڙيل اولادن، گهڙيل ڪهاڻين، شاعري توڙي گارين ۽ لطيفن (جن جو مرڪز عورت ئي هوندي آهي) ۾ وڏي مان ۽ شان سان پنهنجو پاڻ ميڙائڻ يا رڳو وجود ميڙائڻ جي جنگ ۾ رڌل ٿين ٿيون. ڪاش اها دنيا عورتن جي ئي ٺاهيل هجي ها.

تڏهن تانيہ جي شاعري انهن ڏينهن ۾ پڙهي مونکي هڪڙو اهڙو آئينو ٻـ لڳي هئي جنهن ۾ ڄڻ تـ اهي نظم مرد جي ٺاهيل دنيا کي آئينو ڏيکاريندا هجن. هن جي شاعري ۾ مونکي ڪجه رنگ تڏهن گمنامي مان شهرت ۾ ايندڙ جوان جماڻ هندي شاعره گيتانجلي جي شاعري ياد ڏياري رهيا هيا. ۽ هاڻ وري انهي ئي تانيہ جي شاعري اوهان ۽ منهنجي هٿن ۾ آهي. سنوٽيو تانيہ ڪيتري عرصي کان پنهنجي پڙهائي، پڙهائڻ ، اليڪٽو ازم، گهر گرهستي جي سانگن سان سنڌ ڇڏي ملڪ جي اتر پار نڪري ويئي. اسان سنڌي ڏال ڏيڏرن جي دنيا مان نڪتي . ڇو تـ رڳو سنڌ ديس جون ئي واٽيون ڦلن ڇانيون ناهن ڄام شوري کان ٻـ گهڻو اڳيان گهڻو هوائون پاڳل آهن پر پياريون آهن. پر ڄامشوروڄامشورو آهي. انڪري جتي هن جي هِن شاعري ۾ ڄامشورو پنهنجي هوائن ۽ پاٽين سميت پينٽ ٿيل آهي اُتي هن جي شاعري ۾ مونکي پوٺوهاري، ڪشميري ،پهاڙي لوڪ گيتن جو روح ٻـ پرڙا هڻندي لڳا. هن پيري هن جي شاعري ۾ رڳو سنڌ جي اجرڪ جا ميرانجهڙين نيريين ڦلڙين جا عڪس ڪونهن پر بادل ، پهاڙ پکي، پرديس، وڻ، چارئي رتون، ڪوڙ سارا مينهن. بلڪل آمريڪي شاعره ايريڪا جونگ جي ڪويتائن جي ياد ڏياري ٿي.

***ڪنهن جي دل تائين رَسڻ يار،***
***ڪڏهن سؤلو نہ هُيو.***
***موٽي آيا سين ڪئي وار،***
***جتي ڍوليو نہ هُيو***

يا جيئن

***اي هوا پيرا کڻي،***
***تنهنجا ڪٽي پهتي آن مان.***
***ڇا خبر تون ساٿ ڏيندئي،***
***يا هتان موٽي وڃان؟***

تانيہ جي هن ڳتڪي (مجموعي) ۾ نظم نہ فقط مينهن ڪڻين جا وسن ٿا پر هتي هن جا ڪيترائي نظم آرٽ جي تاجي ۾ آهن. جيتوڻيڪ هن شاعري ۾ پنهنجو پراڻو انقلابي رنگ جڳه جڳه ڪونہ ڇڏيو آهي پر هن پنهنجو عورتپڻو يا (ومين هوڊ) بہ ڪونہ وساري آهي. هڪ ڪڏهن بہ آڻ نہ مڃيندڙ عورت پڻوجيڪو دنيا جي جديد شاعري ۾ سلوايا پلاٿ ڪان وٺي ايريڪا جونگ تائين جي شاعري ۾ ۽ اسانوٽ هاڻوڪن ڏينهن ۾ سحر امداد ڪان وٺي عطيہ دائود امرسنڌو ڪانوڻي روبينہ ابڙو ۾ يا اردو ۾ فهميده رياض ڪان وٺي ڪشور ناهيد ۽ عذرا عباس ڪانوڻي نسرين انجم ڀٽي تائين ملي ٿو. الا نسرين انجم پنجابي جي بہ سهڻي شاعره هئي. ۽ هن قطار ۾ ملڪ ميرا پيرزادوز ۽ پشپا ولڀ ڪي ڪئين ٿوڪدي سگهجي. پر پنهنجي جنس ۽ جنسيت جو فنڪاراڻا اظهار جيڪو تانيہ جي شاعري ۾ ملي ٿو اهو نہ فقط هن جي لهجي ڪي منفرد بڻائي ٿو پر لفظن ڪي زنده ۽ محترڪ رکي سنڌي شاعري ڪي نوان رنگ بہ ڏيئي ٿو وجي. هن پدراڻي ۽ ڪنڪري ويل مرداڻي سنڌي سماج ۽ ادب جي هاڻ بيڻل سينوريل پاڻي ۾ اهو وڏو پٿر تہ پنهنجي جاءِ آهي ئي آهي پر ڪنول بڻجي پيي ڪڙي بيهي ٿي هن جي شاعري. ۽ اهو ڪو ايڏو سولو ڪم ناهي.

پڙهند ڙويڪ ڪنا! اجهو هو هئين چئي ٿي وجي

***اڄ اماوس رات آ،***
***۽ پرِينءَ جو گهر پري آ.***
***عڪس ڏسبو آسمان ۾،***
***جي پرِيئن جو گهر پري آ.***

.

*يا وري هڪ يادگيري جي لڪيرن ڪي لفظ ۾ هئين مصور ٿي ڪري:*
***احساس جيان هو،***
***هُو ساه جيان هو.***
***هر شيءِ ڪان سُبڪ رُوهو،***
***رفتار جيان هو.***
***جيڪو پهريون دفعو ٿيو هجي،***



***ان پيار جيان هوا***

۽ هي نظم:
***هوءَ ڇوڪري،***
***خوابن جي نگريءَ ۾،***
***پهرين بہ رهندي هئي،***
***هاڻي بہ رهندي آ.***
***بادل برسي تہ روئندي آ،***
***ڪنوڻ ڪلي تہ ڪلندي آ،***
***تارن جي وچ ۾ رهندي آ،***
***چُنري جا ويڙهي هلندي آ،***
***تارن ڪان اوڏرونندي آ.***

مٿيون نظم جي هي هيڏي تاڪيا پٽ نہ بہ ڪيان تہ اهڙي شاعري جي تعارف لا ڪافي هئي. ڳاله هن جي شاعري جي ناهي ڳاله هن جي ڳاله جي آهي جيڪا هو هڪڙي سٽ ۽ ڪجہ سٽن ۾ ڪائنات سان ڪري ٿي وجي.

***هڪ اجنبيءَ جي اَکڙين ۾،***
***مون ڳولهيو پنهنجي پاڻ ڪي.***
***پنهنجي بند مُٺ ۾،***
***رات واري سپني ڪي.***

هن جو ساڳيو نظم ڪجه سٽن ۾ پابند بہ آهي تہ ڪٿي ڪجه سٽن ۾ نثراڻو نظم.

پر هن جي پابند نظم ڪيڏي موسيقيت آڻي ٿو.
***پکي پرديس ڪان ايندا،***
***انهن جي سار تون لهجان.***
***پکي پرديس ڪان ايندا،***
***انهن جا ٻول تون ٻڌجان.***
***پکي پرديس ڪان ايندا،***
***انهن ڪي پيار سان پَسجان.***
***پکي پرديس ڪان ايندا،***

***انھن جا پر نہ تون پٽجان،***
***پکي پرديس کان ايندا،***
***نہ تن کي قيد ۾ وجھجان،***
***پکي پرديس کان ايندا،***
***انھن جي سار تون لھجان.***

اھو سڄو حساب ڪتاب پاڻ پياري سائين امداد حسيني تي ڇڏيونٿا. ھن ڪيو ھوندو سنڌي مھاڳ ۾.

۽ ھو ھڪ اڄاتي نگر جي ڳالھ ھئين ٿي ڪري:

***ھل تہ اُن پار ھلون،***
***جتي تون ويو ھين،***
***نہ مان وئي ھان،***
***انھن مستين تي،***
***انھن بلندين تي،***
***جتي تون ويوھين،***
***نہ مان وئي ھان.***

وري ھڪ ھنڌ چوي ٿي:

***پيو سپ ڪجھ پين جھڙو آھي***
***خواب اسانجا باغي آھن.***

ھڪ شاعره جي من جو آواز ڪٿي اندر جنين اڌ واري عورت جي سئن بہ آھي

سنڌ جيڪوڪاري ڪاري جو ديس آھي. عورت دشمن آبادي آھي.انھي ۾ سنڌي ٻولي جي ھي شاعره رد ڪد ٿي ڪري انھي نفي جي صورتحال کي جنھن ۾ بقول ايازھن ديس سڄي کي سائي آ.

***ھُوچون ٿا عورتن تي،***
***ظلم جو ڪو وجود ناھي،***
***روز ڳنجن ٿيون روز مرن ٿيون،***
***پر ھُوچون ٿا عورتن تي،***
***ظلم جو ڪو وجود ناھي.***

رتي جي دانھن بہ تہ وري ڪٿي
جيئين ڄامشوري جون ھوائون رڳو "اڙي شھر جانان جون توکي"



تنوارون نہ ھونديون آھن پر انھن ۾ ڌرتتي مھل ڌرتي سان ڏاڍ تي للڪارون بہ آھن جن ڪانسوا ڇڻ تہ سنڌي شاعري اٽپوري پاسندي آھي.

***سِنڌُوَ جي آئيني ۾،***
***پنھنجو مُکُ پسي ڏس،***
***ڪيڏا قرض ڳُلھن تي آھن،***
***پنھنجو پاڻ پُڇي ڏس.***

اڄوڪي شاعري ھن سائبر اسپيس جي زماني ۾ اسپيس اوپيرا جي صنف تائين وڃي پھتي آھي. نيويارڪ جي سينٽرل پارڪ ۾ پن ڇڻ جا ھزارين رنگ رتا آھن مان ھي تانيہ جي ڪتاب تي ھي بيان ھتي بند ٿوڪيان. ھن ڪتاب جي ئي ھڪڙي نظم جي انھن سٽن سان:

***رُومي جي رِلھي ويڙھي،***
***بس ھاڻ رُلڻ ڏي***

***جي درد مِليا دل کي،***
***تن تي بہ کِلڻ ڏي***

انھي آس سان تہ جڏھن جديد سنڌي شاعري جي تاريخ سياڻ جو مورخ لکڻ ويھندو تہ ان ۾ ھڪڙي نئين واٽ تانيہ جي شاعري جي گلن سان چانئيل ھوندي. اھا واٽ جنھن تي شاعري جو ھي قديم جديد سفر سيفو ڪانوني فروغ فروخزاد تائين ٿيندو رھيو آھي. پر ھاڻ ڳالھ رڳو ھڪ يا ٻين ڌرتي جي ناھي ڪيئين ڪائناتن جي آھي. رومي کي اھا سڌ ھئي تہ جا سھسين رنگن واري رلھي پنج سو سال اڳ قونيا ۾ وڇائي ھئي اھا سنڌ ۾ ويڙھي ويندي.

ويڙھي وري کولي ويندي. تہ بس دوستو ٽوئٽر کان وٺي ڦرنڊڙ درويشن تائين ھي سفر جاري آھي جاري رھندو.

.

**حسن مجتبي**

نيويارڪ
نومبر ويہ سو سورنھن

# خواب هيا زنجير جيان

**جون** ايليا پنهنجي شاندار شعري مجموعي "شايد" جي شاندار پيش لفظ ۾ لکيو هو تہ "منهنجي ماحول ۾ شاعري پيغمبريءَ جو جُزو نہ پر پوري پيغمبري مڃي ۽ سمجهي ويندي آهي." جون جي خاندان ۾ کيترائي شاعر، اديب،فلسفي، آرٽسٽ ۽ سياسي ماڻهو هئا ۽ مٿين ڳالہ مون کي ان وقت ياد آئي جڏهن مون کي تانيا ٿيٻو جي شاعري پڙهڻ لاءِ ملي. تانيا جو تعلق بہ اهڙي ئي خاندان سان آهي جتي شاعري، ادب، فلسفا، سياست ۽ آرٽ روزاني جي معمول ۾ ائين ڊسڪس ) ٿيندا آهن جيئن عام گهرن ۾ لٽن ڪپڙن، کاڌي پيتي، ٽي وي ڊرامن، فلمن ۽ موبائيلن جو ذڪر ٿيندو آهي. اهڙي ماحول ۾ پلا تانيا کيئن نہ لکي ها ذهين ٻارن جي ڳالهين جهڙيون ڪويتائون جيڪي وڏن جي وڏين ڳالهين ٻُڌڻ کان پوءِ لهجي ۾ پاڻهي شامل ٿي ويندیون آهن. تانيا کي ادبي ماحول ضرور مليو پر پوءِ بہ هن جو لهجو ۽ اسلوب پنهنجو آهي جنهن تي ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ جو اثر ناهي. اها سندس اوريجنلٽي ئي سندس خوبي ۽ ڪاميابي آهي.

*نہ آهيون اسان*
*محبتن ۾ موٽ جا قائل*
*پيار پڙاڏو تہ ناهي*
*جو موٽي ملي*
*(نظم پڙاڏو)*

تانيا جي شاعري پڙهندي مون کي اهو محسوس ٿيو تہ هيءَ شاعري ديوانگي نہ پر دانشمندي آهي. توڙي جو عشق ۽ شاعري لاءِ ديوانگي وڏيڪ سازگار هوندي آهي پر تانيا جي شاعريءَ جي خوبي اها سوچ ۽ دانش آهي جيڪا هن جي پنهنجي آهي. تانيا هڪ گهڻي پڙهيل، سمجهدار ۽ مهذب



خاتون آهي ۽ اهي سڀ ڳالهيون هن جي ڪويتائن مان ظاهر ٿين ٿيون.

*هن پرچڻ ۾ جو دير ڪئي*
*مون پرچائڻ ئي ڇڏي ڏنو.*

هن خاموشيءَ سان مختلف ماڻهن جو مشاهدو ڪيو آهي ۽ انهن کي پنهنجي نظمن ۾ جيئن جو تيئن پيش ڪيو اٿائين. مون کي هن جي ڪويتائن ۾ اهي شخص/ ماڻهو بہ نظر آيا جيڪي هن جي زندگيءَ سان سلهاڙيل رهيا آهن. اهي جن مان هن پيار جي تمنا رکي پر اهي هن کي ڪجه بہ نہ ڏئي سگهيا. تانيا جو هي نظم ڏسو:

*پيار گهڙيون چار*
*ڏئي ڪونہ سگهين تون.*
*هڪ ڳالہ پيار واري*
*چئي ڪونہ سگهين تون.*

يا ٻئي نظم ۾ هوءَ چوي ٿي تہ:

*جن جون ڳالهيون ورو ڪڙ*
*جن جو ڳالهيون ڪوڙ جو گهر.*
*سي راهہ ۾ رولڻ کان سواءِ*
*ٻيو ڇا ڪندا؟ ٻيو ڇا ڪندا؟*

ان کان علاوه تانيا جون هي سٽون:

*وڇڙيا ويڙهيڇا*
*ڪنهن کان ڪهڙا پنڌ پڇان؟*

پڙهي مون کي سندس ماءُ ادي نسيم ٿيٻو ۽ پاپي انيتا ياد اچي ويا ۽ اهي سٽون عام سٽون هوندي بہ تمام گهريون محسوس ٿيڻ لڳيون. ڪيڏي نہ سادگي ۽ گهرائي آهي انهن سٽن ۾!! انهن سٽن جي گهرائي اهو ئي ماڻهو محسوس ڪري سگهندو جنهن جي جيون جي ٿاريءَ تان ڪي ويجها ماڻهو گلن وانگر ڇڻي، ڪِري، جدا ٿيا هوندا.

تانيا جي گهڻي شاعري نثري نظم واري آهي ۽ ان صنف ۾ شاعر

جو سچو فوڪس خيال/سوچ تي هوندو آهي. تانيا جو پڻ فوڪس خيال/ سوچ تي آهي. هن جا نظم اهڙي تصويرن جهڙا آهن جن ۾ ڪنهن خيال کي چِٽو (فوڪس) ڪيو ويو هجي. ۽ باقي بيڪ گرائونڊ ڊي - فوڪس هجي پر ڪجھ جڳهن تي هن جي شاعريءَ ۾ ڪافي ترنم ۽ نغمگي پڻ آهي. تانيا جا هي شعر ڪهڙا نہ چڱا آهن:

***سارو من مُرڪي پيو آهي،***
***اڄ رات گُهلي آ هير جيان.***
***اڄ تارا ٿا اُڀ ۾ ڏسجن،***
***چنڊ ڏيئن جي تصوير جيان.***
***تن من کي ويڙهي ويٺا هن،***
***اڄ خواب هُيا زنجير جيان.***

مان اميد ٿو ڪريان تہ تانيا پنهنجو شاعراڻو سفر جاري رکندي ۽ اڳتي اچا وڌيڪ مترنم شعر لکندي رهندي.

سنڌيءَ ۾ عورت شاعرائن اڪثر پنهنجو اظهار نثري شاعريءَ ۾ ڪيو آهي. انهن ۾ عطيہ دائود، امر سنڌو، پشپا ولڀ، شبنم گل، ملڪہ ميران ۽ ٻيون شامل آهن. عطيہ دائود جي نظمن جو تہ انگريزيءَ ۾ پڻ ترجمو ٿيو آهي. پر اسان وٽ ٿوريون ئي سهي پر اهڙيون شاعرائون بہ آهن جن پابند شاعري بہ ڪئي آهي. اها ڪنهن بہ لحاظ کان مرد حضرات جي شاعريءَ کان گهٽ ڪونهي مريم مجيدي، سحر امداد، نظير ناز روبينہ ابڙو، رخسانہ پريت، سيما عباسي ۽ ٻيون پابند شاعريءَ ۾ پاڻ مڃائي چڪيون آهن. انهن جي شاعريءَ ۾ پاڻ مڃائي چڪيون آهن. انهن جي شاعريءَ جون ڪجھ جهلڪيون توهان بہ ڏسو!

***رت ڦمندو رهيو***
***لاٽ ٻرندي رهي***
***پير وڌندا رهيا***
***دڳ ڊهندا رهيا***
***واٽ ٺهندي وئي-***
***(سحر امداد)***



***مليو هو رقص جو موقعو***
***سچو عالم نچايو سين***
***هزارن جي هجومن ۾***
***اوهان ڏي ئي نهاريو سين***
***گهٽي ويجهي هئي لاحد***
***قدم اڳتي وڌايو سين***
***(روبينہ ابڙو)***

***ڇو رڳو ماڻهو خودڪشي ڪن ٿا؟***
***درد ڇو خودڪشي ڪندو ناهي؟***
***"پريت" پاڻهي آ پيار ٿي ويندو***
***ڪير ڪنهن کان پڇي ڪندو ناهي!***
***(رخسانا پريت)***

تانيا نثري ۽ پابند ٻنهي صنفن ۾ شعر لکيا آهن هن جي پابند شاعريءَ مان هي سٽيون ستون ڏسو!

***بس خاموشيءَ جي ٻولي ۾***
***ڇا ڇا ڪو سمجهائي ويو!!***

"خاموشيءَ جي ٻولي" ڪهڙو نہ خوبصورت استعار آهي! خاموشي جي ٻولي فقط اهي انسان سمجهي سگهندا آهن جن کي قدرت ڏات جو تحفو عطا ڪندي آهي. تانيا جو شمار بہ اهڙن انسانن ۾ ٿئي ٿو جيڪي خاموشيءَ جي خوبصورت ٻولي ٻُڌي ۽ سمجهي سگهندا آهن. اها ٻولي ٻڌڻ لاءِ ظاهري ڪَنَ ڪافي ناهن ۽ خوبصورتيءَ جو اصل جلوو پسڻ لاءِ ظاهري اکيون ڪافي ناهن، ان لاءِ لطيف سائين فرمايو آهي تہ:

***هي ڪن ڏيئي ڳاڙهان، پيا ڪَنَ ڳنميچ***
***جنين ساڻ ٻُڌيچ! پريان سندي ڳالهڙي***

يا وري هي بيت ڏسو:

*دیک تہ تون سیني تن، هِي جي مجازياڻيون منهن ۾*
*ڪين سُڃاتو سُپرين، نهاري نيڻن،*
*پرين سي پسن، پيئي جنين پُوٺيون.*

هن وقت هي سٽون لکندي مون کي شيخ اياز جو اهو آزاد نظم ياد اچي رهيو آهي تہ:

*تون نہ سِڪِئين رابيل جي ٻولي،*
*۽ نہ گلاب جا ٻولَ ئي ڄاڻين،*
*جو پٿر جي ڇاتيءَ ۾ آ،*
*درد انهيءَ کي تون نہ سڃاڻين.*

سو اهي سڀ ڳالهيون ياد ٿيون اچن تانيا جي شاعري پڙهي. اها تانيا جيڪا خاموشيءَ جي ٻولي ٻڌي ٿي. ڏٺل جو نہ آهي اُهو ڏسي ٿي ۽ اڻ ٻُڌل ۽ ان ڏٺل کي شاعريءَ ۾ بيان ڪري ٿي. شاعري جي سونهن انهيءَ ۾ آهي تہ اها بيان نہ ڪندي بہ بيان ڪندي آهي نہ چوندي بہ چوندي آهي ۽ نہ ڳالهائيندي بہ جڻ ڳالهائيندي آهي. شاعري غير محسوساتي نموني ماڻهن کي محسوس ڪرائيندي آهي اهو سڀ ڪجھ جيڪو ظاهر نہ آهي. اها شاعريءَ جي ڪرامت آهي تہ اها نہ چوندي بہ سڀ ڪجھ چئي ويندي آهي.

تانيا جو شعري مجموعو موجوده سنڌي شاعريءَ ۾ خاص طور تي عورتن جي شاعريءَ ۾ هڪ سٺو اضافو آهي. ادبي حلقن کي ان جو آڌر ڀاءُ ڪرڻ کپي ۽ هن جو آواز غور سان ٻُڌڻ گهرجي. مان غور سان وارا لفظ ان ڪري لکيا آهن جو تہ ڪجھ سٺا آواز هلڪا هوندا آهن. اهي واڪا ناهن هوندا. انهن کي غور سان ئي ٻُڌبو آهي. تانيا جي
شاعريءَ جي سونهن بہ اهائي آهي تہ اها واڪو نہ پر سُرٻاٽ آهي. اهڙو سُرٻاٽ جيڪو محبوب جي ڪنن ۾ ڪبو آهي.

**مسرور پيرزادو**

28 سيپٽمبر 2016
ڪراچي



# ۽ مان شاعري

***منهنجي*** نظر ۾ شاعري ادب جي صِنفِ نازڪ آ. جيڪا اسان کي اندر جي احساسن جي دنيا ۾ هٿ پڪڙي وٺي وڃي ٿي ۽ چوي ٿي تہ ڪنهن شئي کي هيڏي هوڏي ناهي ڪرڻو احساس پوپٽن جيان هوندا آهن جي انهن کي پڪڙڻ يا قيد ڪرڻ جي ڪوشش ڪبي تہ اهي بي رنگ ۽ بي لباس ٿي ويندا، مري ويندا گُلن جي پنکڙين جيان ڇڻي پوندا سرءُ ۾ پنن جيان تارين تان ۽ پيو ڪجھ بہ نہ تہ رنگ هٿن تي ڇڏي اُڏامي ويندا. احساسن جي دنيا اها دنيا آهي جيڪا شيشي جي ديوارن اندر قيد آهي. شاعري اسان کي ان دنيا جو ديدار ڪرائي ٿي.

جڏهن مان سمجھ ڀري ٿيس تہ مون پنهنجي گهر ۾ ڪتابن ۽ رسالن جا انبار ڏٺا جيڪي امان جا ورتل ۽ گڏ ڪيل هئا. هڪ طرف انهن ۾ سمورو رشين ڪلاسڪ ادب هيو تہ ٻئي طرف سمورو سنڌي ادب. انهي ڪري مون ننڍي هوندي ٻين ٻارن وانگر ٻارن جون ڪهاڻيون پڙهڻ جي بدران دوستووسڪي ۽ ٽالسٽائي جا ناول، چيخوف ۽ پُشڪن جون ڪهاڻيون ۽ پُشڪن جي رومانوي شاعري پڙهي. ٻئي طرف ان دور جي مشهور سنڌي رسالي سُهڻي ۾ مشهور سنڌي ليکڪن نسيم احمد کرل، نورالهديٰ شاهہ، امر جليل، مهتاب محبوب، علي بابا، آغا سليم کان سواءِ ڪيترن ئي ٻين اديبن، اديبائن جون ڪهاڻيون بہ مون ننڍي هوندي ئي پڙهي ڇڏيون هيون. مان ۽ منهنجي ڀيڻ انيتا سهڻي رسالي جا سڀ شمارا پهرين صفحي کان آخري صفحي تائين پڙهندا هئا سين. ايتري آدبي ماحول ۾ رهندي دل ۽ ذهن تي ان ادب جو ديرو ٿيندو ويو جيڪو اندر جي احساسن ۽ معاشري جي خوبصورت عڪاسي هيو. وقت سان گڏ ذهن ۾ اهڙا اٽمِت چِٽَ نهندا ويا جن اڳتي هلي ڪڏهن خوابن جو روپ ڌاريو تہ ڪڏهن خواهشن جو ۽ ڪڏهن ڪهاڻي تہ ڪڏهن شاعريءَ جو.

***ڳالهيون يادون ٻڻجي وينديون،***

***۽ پوءِ خوابن ۾ پيپي ايندي ايندي.***

ٻار ننڍي هوندي نرسري رائمس ۽ پرين جي ڪهاڻين مان اظهار جا ذريعا سکندو آهي پر مون اهي معياري ادب جي ڪهاڻين ۽ شاعريءَ کان سکيا. ننڍڙيون ننڍڙيون ڪهاڻيون، ڊراما لکڻ، شاعري ڪرڻ ۽ ڊائري لکڻ معمول بڻجي ويو. هڪ طرف هيا ادب جا اهي شاهڪار ۽ ٻئي طرف هيا امان جي پسند جي تمام مَڌُر ۽ معياري خوبصورت گانن جا سُرَ ۽ انهي سان گڏ هئي پِتائي ۽ شيخ اياز جي شاعري. امان پراڻن انڊين گانن کي بيحد پسند ڪندي هئي اسان جي گھر ۾ هر پراڻو انڊين گانو هوندو ۽ ٻڌ بو هُيو. امان کي لتا، آشا، ڪشور ڪمار، محمد رفيع، گيتا دت، ثُريا جا گانا بيحد پسند هيا ان دور جو ڪو بہ گانو ڪونهي جيڪو اسان جو نہ ٻُڌل هجي.

امان اڪثر انهن بيحد خوبصورت گانن کي پنهنجي سريلي آواز ۾ پئي ڳائيندي ۽ جهونگاريندي هئي. امان مونکي اڪثر چوندي هئي تہ مون تہ ڪڏهن شاعري ناهي ڪئي توکي شاعري جي ڏات تنهنجي پيءُ مان آئي آهي. لکڻ جو اهو سلسلو طويل عرصي تائين هلندو رهيو پر پوءِ جڏهن مونکي مهراڻ يونيورسٽي ۾ داخلا ملي تہ اهو سلسلو ٽُٽي ويو اليڪٽرانڪ انجينيئرنگ جي چار سال پڙهائي ان کان پوءِ ذري گهٽ هڪ ڏهائي جي ٽيچنگ دوران لکڻ پڙهڻ جو سلسلو اسائنمينٽس لکڻ ۽ ليڪچر تائين محدود ٿي ويو جنهن جو ادب سان پري پري تائين ڪو بہ واسطو نہ هو.

جڏهن پڪي وري نِما شام جو پنهنجي آکيرن ڏانهن موٽندا آهن تيئن مان بہ ڪيترن ئي سالن جي وِٿيَ کان پوءِ پنهنجي اصل آستان ڏانهن موٽي آيس. ۽ هڪ دفعو ٻيهر پنهنجي پهرين پيار يعني لکڻ ۽ پڙهڻ سان جُڙجي ويس. شاعري احساسن ۽ جذبن جي غير شعوري ترجمانيءَ جو نالو آهي. جيئن خوابن ۾ ربط گهٽ هوندو آهي. تيئن شاعري بہ گرامر جي اصولن ۾ ائين جڪڙيل نہ هوندي آهي جيئن عام رواجي ڳالهائي ويندڙ ٻولي. چوندا آهن موسيقي روح جي غذا هوندي آهي. پر شاعري اسان جي روح جي عڪاس ۽ اسان جي اندر جو آئينو هوندي آهي. منهنجي لاشعور ۾ جيڪو ڪجھ هيو ۽ آهي اهو ڪجھ خوابن کي مليو تہ ڪجھ شاعريءَ کي.

اسان جي زندگيءَ ۾ امان جي رئي جي جهلمل ڇانو هئي جيڪا ڪئي پوپٽن جي رنگن سان ڇٽيل، ڪئي گلن جي خوشبو ۾ واسيل هئي. امان جيڪا دنيا اسان کي ڏني هئي اها احساسن جي دنيا هئي



رنگن ۽ سنگيت جي دنيا هئي جتي منهنجي سماعتن، گيتن جي صورت ۾ احساسن جا اهڙا جلترنگ وڄندي ٻڌا جو منهنجي اندر ۾ بہ لفظ جاڳي پيا ۽ شاعري جو روپ ڌاري منهنجي لاءِ منهنجي اندر جو آئينو بڻيا.

سڄي عمر مان هڪ رستي جي ڳولها ۾ رهيم ۽ اها ڳولها منزل جي نہ پر صحيح رستي جي ڳولها هئي. ڇو تہ منزل جي ڳولها تڏهن ئي ممڪن آهي جڏهن رستو صحيح هجي.

***وچ چارڻ چنگ کي چوري ڇڏ***
***۽ ڳاله سموري کولي ڇڏ.***
***تون نڪتو آهين ڳولها ۾***
***ان رستي جي جو ڪنهن نہ ڏٺو.***

هِن چارڻ وانگر مان ان رستي جي ڳولها ۾ رهي آهيان جيڪو منهنجو پنهنجو هجي.

۽ مون سفر شروع ڪيو هوا جي زور کان پيپرا پڇڻ جو.

***ڪنهن سڌي رستي سان منزل،***
***ناهه ملندي او ڇري.***
***اڄ هوا جي زور کان تون،***
***سڀ پڇي ڇڏ پيپرا.***

مون احساسن کي لفظ ڏيڻ جو سلسلو شروع ڪيو تہ هر احساس ضد ڪيو تہ هن کي بہ لفظ ڏنا وڃن. مون امان جي آخري گهڙيءَ تائين ڏٺل تڪليفن کي هن نظم جي صورت ۾ لکيو:

***اڄ جَڳَ کان خُلاصائي،***
***وڃي هاڻ گهُرؤن ٿا.***
***هِن درد کان پري ها پري،***
***پاڻ هلئون ٿا.***

منهنجو ننڍپڻ جنهن دور ۾ گذريو اهو دور انقلابن جي جستجو ۽ بغاوتن جو دور هو جيتوڻيڪ مان عملي طور تي انهي رستي جي مسافر نہ هيم پر منهنجي اندر ۾ بہ

“باطل جا بُت” ڊاهڻ جي جستجو هئي انهي ڪري ئي مون پنهنجي هڪ نظم ۾ لکيو آهي.

**پيو سپ ڪجهه ٻين جهڙو آهي،**
**خواب اسان جا باغي آهن.**

پر ڪڏهن ڪڏهن صرف خوابن ۾ ئي نه پر عمل ۾ به بغاوت اچي ويندي آهي ان جو ٿورو اظهار مون شاعري جي مروج گهاڙيتن کي نظر انداز ڪري ڪيو آهي ۽ پنهنجي لفظن کي اهو روپ ڏنو آهي جيڪو هنن گهريو آهي، ڪنهن گهاڙيتي جي پابنديءَ کان سواءِ. منهنجي احساس ۾ وزن هوندو ته اهو شعر ۽ بحر کي پاڻهي شڪل ڏيندو. برسات جي ان پاڻي وانگر جيڪو پيچرن تي صرف هلندو ئي ناهي پر پاڻ به پيچرا ناهيندو آهي.

مون وٽ خيال کي، سوچ کي مقدس ۽ انفرادي حيثيت حاصل آهي. احساس جون پنهنجون گهرجون ۽ گهاڙيتا به هوندا آهن مان ائين نٿي چوان ته غزل، وايون نه لکجن گيت ۽ بيت نه لکجن ۽ گهاڙيتن جي خوبصورتي جو فائدو نه ونجي پر نواڻ ۽ جدت جي، نوان رستا ناهڻ جي، نئين واٽ ونڻ جي هڪ پنهنجي خوبصورتي آهي. گهاڙيتا منهنجي شاعري ۾ به آهن پر شايد انهن کي ڪو ناڻو ڪونهي. ۽ اهي ان انتظار ۾ آهن ته امداد حسيني جهڙا عظيم شاعر ۽ شاعري جا عظيم نقادَ انهن کي ڪو ناڻو ڏين.

زندگي ۾ ڪيئي ڪمين جي باوجود اها خوبصورت گزري، ۽ گزري رهي آهي. منهنجي شاعريءَ ۾ به ان ڪري خوشي ۽ غم ٻنهي جاعڪس ۽ اولڙا آهن. ڪيترائي اهڙا شعر آهن جن ۾ جڻ ته مان پنهنجي ڳاله ڪري رهي آهيان پر اها صرف منهنجي ڳاله ڪونهي.

لئه، سُر تال ۽ خيال مون وٽ وڏي اهميت رکن ٿا ۽ منهنجي شاعري به انهن عنصرن جو امتزاج آهي. مونکي خوامخواه جي ٽُڪبندي پسند ڪونهي ان ڪري جيترو ٿي سگهيو آهي مون انهي کان پاسو ڪيو آهي.

تعريف ۽ تشريح اهو فريم آهي جيڪو شاعريءَ جي تصوير جو پاڻ ڏانهن ڌيان ڇڪائيندو آهي. منهنجي شاعري به ان تعريف ۽ تشريح جي اڃان تائين متلاشي آهي ۽ هميشه رهندي.

ٻين سيني شين جيان شاعريءَ ڏانهن به مان امان جي ذريعي روشناس ٿيس. امان کي شاه ڀٽائيءَ جي شاعري ڏاڍي وڻندي هئي ۽ هن کي شاه جا ڪيترائي بيت ياد هيا. جن ڪتابن جو مون ذڪر ڪيو آهي انهن ڪتابن ۾ هڪ ڪتاب شاه جو رسالو به هيو. امان کي شاه جي



رومانوي، انقلابي ۽ اتساهيندڙ شاعري بيحد پسند هئي.

امان جي ڪجه ڪهاڻين جا ٽائيٽل به شاه جي شاعريءَ مان ڪنيل آهي جيئن "اُڀر چنڊ پس پرين"

مون ننڍي هوندي لاشعوري ۽ غير محسوس طريقي سان انهن شين کي پنهنجي ذات جو حصو بڻايو جيڪي منهنجي گهر جي ماحول ۾ رچيل بسيل هيون ۽ ان کان پوءِ شعوري طور تي انهن شين کي محسوس ڪيو ۽ اندر ۾ اوتيو. ۽ پوءِ آهستي آهستي منهنجي ماحول ۾ رچيل بسيل شاعري ۽ سنگيت منهنجي شاعريءَ جو روپ ڌاري ظاهر ٿيون.

ڏور انڌيارا ڪارا بادل منهنجي ان دور جو لکيل نظم آهي جيڪو ان دور ۾ Voices group جي خوبصورت آواز واري ڳائڻي شاهد پٽو ڳايو به هيو.

عشق، مزاحمت ۽ انقلاب شاعريءَ جا پسنديده موضوع رهيا آهن. هر شاعر انهن کي پنهنجي پنهنجي اصلوب ۽ انداز سان پيش ڪيو آهي ۽ ان ۾ شاه ڀٽائي ۽ شيخ اياز کي ڪومات نه ٿو ڏئي سگهي.

***جَرِ ٿَرِ تِکَ تَوارَ وَڻ ٽِڻ وائي هيڪڙي***
***سيئِي شيءِ ٿئا، سُوريءَ سَزاوار***
***هَمَ مَنصورَ هزارَ ڪهڙا چاڙهيو چاڙهئين.***

*۽ شيخ اياز جو هي شعر*

***"انڌو اُڀُ، انڌاري ڌرتي، ڏيئا ڏيئا ڳاڻ اسان،***
***ليئا ليئا لاٽ اسان،***
***چوڌاري چمڪاٽ اسان!"***

مزاحمتي ۽ انقلابي شاعري کانسواءِ ٻنهي شاعرن جي رومانوي شاعري به بيحد خوبصورت ۽ دل ۾ پيهي ويندڙ آهي.

***"رات آئي وئي، تون نه آئين ڪهي!***
***ماڳ ۾ مينڌرا! ڪاڪ رئندي رَهي"***

شيخ اياز جي رومانوي شاعري ايتري ته خوبصورت آهي جو جنهن عشق نه به ڪيو هوندو ته ان جي به دل چوندي ته هو انهن احساسن جي بلندين کي ڇُهي جيڪي صرف عشق ۾ ئي ممڪن آهن.

***"جنهن وقت هَوا جي جهُلڪي ۾***
***ڪو گيتُ ٻڌين،***
***مان توسان هان!"***

***مان دور سمي پر ايندو هان***

***ڪا ريکا دور ڏنڊ لڪي ۾،***

***جنهن وقت ڏسين***

***مان توسان هان***

مون به عشق جي احساس ۽ لمس کي شاعري جي پيراءِ ۾ لاهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. پيار سان لاڳاپيل ڪيئي جذبا ۽ احساس آهن جيڪي هر رومينٽڪ شاعر جي شاعري جو موضوع رهيا آهن. نا اميدي، اوسيئڙو، بي اعتباري انهن احساسن مان ڪجھ احساس آهن.

***پڪ نه آ هو موٽي ايندو***

***پوءِ به دل کي اوسيئڙو آ***

***گيڙو رتڙا ڪپڙا پائي***

***رُليو گهٽين ۾ اڄ جيئڙو آ.***

اعجاز منگي مشهور سنڌي شاعره روبينه ابڙو جي شاعريءَ جي مجموعي "قدم ڪان عدم" تائين جي مهاڳ ۾ لکيو آهي:

"اهو به هڪ عظيم الميو آهي" ته محبت جي سموري سنسار کي پنهنجي بي انتها باريڪين سان سمجهندڙ عورتن شاعري طرف ڌيان نه ڏريو. شايد ان جو هڪ ڪارڻ اهو به آهي ته عورتن سدائين اهو سمجهو ته محبت سمجهڻ يا سمجهائڻ جي ڳاله ته آهي ڪونه! اها ته ڪرڻ جي شئي آهي...... اهو سوچي عورتن محبت ڪئي شاعري نه ڪئي!

اها ڳاله به ٿي سگهي ٿي پر منهنجي خيال ۾ عورتن شاعري ان ڪري به گهٽ ڪئي آهي جو شاعري کاٽين ۽ ٻئي ادب جي نسبت اندر جي اڌمن ۽ احساسن جو سِڌو سَنون اظهار هوندي آهي ۽ اسان جي پدرانه معاشري ۾ عورتن کي هميشه سڌي اڻ سڌي طرح پنهنجي احساسن کي لڪائڻ جي تربيت ۽ تنبيه ڪئي ويندي آهي. شاعري ته گهٽي پاڳي هڪ مڪالمو آهي جيڪو سنئو سِڌو اندر جي آواز ٻڌجي نڪرندو آهي ۽ سماعتن جا اهي رستا ڳولهيندو آهي جيڪي دل جي دنيا ۾ ڪٽندا هجن.

منهنجي لاءِ به اهو مشڪل رهيو آهي ته پنهنجي اندر جي انهن احساسن کي شاعري جو روپ ڏيان جن جو پيار سان ڪو تعلق هجي پر پوءِ به مون به اهڙن احساسن تي شاعري ڪئي آهي. هوئن به پيار هڪ بين الاقوامي فنومنن آهي.

***اڄ اماوس رات آ***



***۽ پريئن جو گهر پري آ***

***عڪس ڏسبو آسمان ۾***

***جي پريئن جو گهر پري آ.***

ڪٿي ڪٿي پيار ۾ انڪار تي بي باڪ اظهار به آهي.

***پيار گهڙيون چار***

***ڏئي ڪونه سگهين تون.***

***هڪ ڳاله پيار واري،***

***ڪري ڪونه سگهي تون.***

هجتون ۽ ڏوراپا به پيار جو لازم حصو آهن ان ڪري ئي منهنجي شاعريءَ ۾ به ڪٿي حُجتون آهن ته ڪٿي ڏوراپا:

***چاڙ پره جو باڪ ڦُٽي آ.***

***ڏس تو ڪيڏي دير ڪئي آ.***

هڪ ٻئي شعر ۾ حجت پريو طنز به آهي:

***او وڻ ويڙهي،***

***تنهنجي ڪمڙي،***

***ڳاله ٻُڌي آ هُنَ***

تخليق جي ڏيه ۾ سڀ ڪان وڏي تخليق خود هن ڪائنات ۽ پوءِ انسان جي تخليق آهي ۽ هڪ تخليقڪار کي ڪائنات جي ڪينوس جي هڪ سڀ ڪان خوبصورت چتر يعني ڌرتي ۽ قدرت جي گهڙيل بين خوبصورتين سان پيار نه هجي اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي ۽ ان ڪري منهنجي شاعري ۾ توهان کي قدرت جي ساراه جا ڪيئي عڪس ملندا.

***جاڳي پَئه جيئڙا،***

***ساوڻ ۽ سيئڙا.***

***روز روز ته نه ايندا.***

***مستي ۽ مينهڙا،***

***روز روز ته نه ايندا.***

ڪيترا ئي دفعا ائين ٿيو هوندو ته دل اڏرڻ چاهيو هوندو ڪڏهن دنيا ڪان ۽ پنهنجي پيارن ڪان پري ته ڪڏهن پنهجو پاڻ ڪان ته ان وقت شيخ اياز جو هي بيحد خوبصورت شعر ضرور ياد ايندو آهي.

***پون ۽ نه ايندي پان ۾، الا مان اڏري ويندو سان ۽،***

***الا مان اڏري ويندو سان ۽!***

انهي احساس کي مون شعر جو روپ ڪجھ هيئن ڏنو آهي

*ٽِڪ ٽِڪيڙي اُڏريو پنڇي،*
*منهنجي دل هِرڪائي ويو.*

شاعريءَ کي لئہ ترنم ۽ تڪ بندي خوبصورت بڻائيندي آهي پر ڪڏهن ڪڏهن خيال جو اظهار ئي ڪافي هوندو آهي جيئن:

*تنهنجي اکين ۾،*
*نظر اچن ٿيون،*
*اهي ساريون ڳالهيون،*
*جيڪي ڪڏهن صرف،*
*زماني ۾ هيون.*

تشبيهون ۽ استعارا شعرن جي ٽُڪ ۾ ٽانڪجي بيحد خوبصورت لڳندا آهن ۽ مون بہ انهن کي ڪيترن ئي شعرن ۾ استعمال ڪيو آهي.

*رات ڳملي آ هير جيان*

يا جيئن:

*رُسڻ بہ چڻ ڪا راند هجي جو،*
*روز رُسي ۽ پرچي ٿي دل.*

هڪ ٻئي شعر ۾:

*تنهنجيون اکڙيون نيل ڪمل،*
*منهنجيون اکڙيون نيسارا.*

يا وري:

*شام سنگهي هئي سرتي هئي همراز هئي*

جڏهن تڙ تي نہ تماچي هجي، نہ گندريءَ گزار هجن ۽ ڪينجهر جا ڪِنارا بہ اسارا اسارا هجن تہ شاعري ڪنهن ڏئي جي جوت جيان اندر جي اونداه کي روشنيءَ ۾ بدلائي ڇڏيندي آهي. شاعري هڪ اهڙو گلاب آهي جنهن سان من مهڪي پوندو آهي. گداز لمحا، ڌنڌليل عَڪسَ، غير محسوس احساسَ، لاشعور جي پاتار ۾ ڪنول جيان ترندڙ سوچون جڏهن شاعريءَ جو روپ ڌاري اينديون آهن تہ من بي اختيار ڇئي پوندو آهي.

*اوءِ گجري گجر، پير هوريان تہ ڌرا*
*هاءِ گماگمر نہ ڇلڪي پويا*

شيخ اياز پوئر پِري آڪاس جي پيش لفظ ۾ لکيو آهي تہ "فن شاعريءَ جي معيار تي سوچيندي مونکي شاھ جي سٽ، 'ڪنول پاڙون پاتار ۾ پوئر



پري آڪاس'، ياد پوندي آهي هر عظيم شاعر جي روح ۾ سندس پوري ماضيءَ ۽ اُن فني تخليقات، روايات ۽ فلسفئہ حيات جون جڙون آهن. جي هن جي شاعريءَ جي نشونما ڪري، ان کي شگفتہ ڪنول جو رنگ روپ ڏين ٿيون ۽ هن جي فن ۽ فڪر جي انفراديت پنور جيئن پرندي، آڪاش ۾ اُڏامندي ٿي رهي، جڏهن 'پنهي سنڌي ڳالهڙي' راس ٿي اچي، تڏهن هڪ فني شهپارو تخليق ٿي ٿو. منهنجو ڪلام انهيءَ معيار تي ڪيستائين پورو آهي، ان جو منصف مان تہ يقيناً نہ آهيان، پر شايد اوهان بہ نہ ٿي سگهو. منهنجي آنانيت ۽ حد کان زياده خود اعتمادي جا گهٽو ڪري هر فن ڪار ۾ هوندي آهي ۽ پنهنجيءَ تخليق لاءِ بي انتها محبت منهنجي صحيح اندازي جي راه ۾ ضرور حائل ٿيندي ۽ شايد اوهان جي دؤر جا توهمات فن ۽ زندگي جو مانوس تخيل ۽ پنهنجي همعصر جي فن کي تسليم ڪرڻ ۽ ان لاءِ تحسين جي اظهار ڪرڻ کان فطري گهبراهٽ، اوهان جي صحيح جائزي ۽ نتيجي تي اثر انداز ٿين. نہ فقط منهنجي تخليق جو پر هر فنڪار جي تخليق جو منصف فقط وقت آهي....."

آخري ۾ مان صرف اهو چوندم تہ منهنجو هي شاعريءَ جو مجموعو سنڌي شاعري پڙهندڙن لاءِ هڪ ڀيٽا آهي ۽ ساڳي وقت سنڌي ٻوليءَ سان جيڪا منهنجي مادري ٻولي بہ آهي ان سان پيار جي اظهار جو هڪ روپ آهي جي اُها پڙهندڙن کي پسند آئي تہ پوءِ:

*تون جي ايندين ميت، تہ هي سنگيت امر ٿي ويندي،*
*مون ٻاري جا جوت، انهيءَ جي جيت امر ٿي ويندي،*
*پر جي ڪاڏمر مات، الا او مات*
*تہ منهنجي ماتِ امر ٿي ويندي*

سنڌي شاعريءَ ۾ مون جيڪو حصو وڌو آهي ان ۾ هار ۽ جيت ۽ مات جو ڪو سوال ڪونهي پر جي ٿي تہ اُها ماتِ بہ امر هوندي.

**تانيا ٿيٻو**

2_11_2016
ڪراچي

# نِما شاھ

(شاعري)

## سارَ جو سمنڊ

سارَ جو سمنڊ ڪيڏو آ اونهون پِرين،
ڏکَ پُڇن ٿا پيا تون ڪڏهن ٿو ورين؟

رَنگَ موتيا اٿئي سَنگَ موتيا اٿئي،
سڀ پُڇن ٿا پيا تون ڪڏهن ٿو ورين؟

ڪائي ٻي وائي ڪنهن جي چپن تي نه هئي،
بس چون ٿا پيا تون ڪڏهن ٿو ورين؟

❋



## ڪر دعا

ڪر دعا اڄ ته اعتبار ملي،
دل کي تو کان سوا قرار ملي.

ڪونه ٿا چئون ته بار بار ملي،
دل کي ٿورو مگر قرار ملي.

ڇو رڳو تنهنجو انتظار ملي،
ڇو نه ٿو دل کي اختيار ملي.

❋

## لفظن جي ويڙه

ڳالھ وئي آ ھٿ مان نڪري،
جڻ احساس بہ مرڻ لڳاھن.

ڪاتَ ڪُھاڙا ڪٽي ھٿن ۾،
لفظ اسان جا وڙھڻ لڳا ھن.

تو ڇا چيو ۽ مون ڇا چيو
ھڪ ٻئي ڪان ھو پڇڻ لڳا ھن.

❊



## ھوريان ھوريان

ھوريان ھوريان زخم بہ سارا ڀرجي ويندا،
دُور اُفق تي ڪڪر بہ سارا سَرجي ويندا.

ھُن جي اچڻ تي خوشيءَ ۾ اکڙيون ڪِلنديون آھن،
ھُن جي وڃڻ تي اکڙين ٻارا ڀرجي ويندا.

ھونئن تہ ھر پل ھيڪل جڳ ۾ ھوندا آھيون،
اڄ پر سارا چنڊ ستارا گڏجي ايندا.

❊

# ننڊڙي ٻار جيان

پيار ننڊڙي ٻار جيان ضد ٿي ڪيو،
مصلحتن جي مار ڪائي ماٺ ٿي ويو.

هر جدائيءَ جي گهڙي گهڻو رنو، رڙيو،
مصلحتن جي مار ڪائي ماٺ ٿي ويو.

من ڪي پنهنجي موج تي مانُ هو گهڻو،
مصلحتن جي مار ڪائي ماٺ ٿي ويو.

❊



# جيئَڻ جنجال

جِيئَڻِ جَنجال سمجهيِ مون ڇڏيو هو،
ڪٿ نہ مان پويان ڏسان هان تو سَڏيو هو.

دل ڪڏهن ڪنهن کي بہ پَرچائڻ نہ چاهيو،
ڪٿ نہ مان ڳوڙها اُگهان هان تو رُنو هو.

درد ڪو دل سان ڪڏهن وَڻيو تہ ناهي،
ڪٿ نہ مان مُرڪي وٺان هان تو ڏنو هو.

❊

# قدم قدم

ڏسندي ڏسندي اڌ حياتي گزري وئي آ،
ڳاله پراڻي هر ڪهاڻي وسري وئي آ.

اڄ تائين چو ڏور اسان جي ٻئي جي هٿ آ،
قدم قدم تي پُڇي پُڇي ٿا وِکَ کڻون.

اڄ تائين چو ٻپ نہ دل مان نڪري سگھيو آ،
قدم قدم تي ٻڇي ٻڇي ٿا وِکَ کڻون.

❉



# چنڊ چمڪيو هو

چنڊ چمڪيو هو رات پيي شايد،
پر تنهنجي ياد ۾ ويو وسري.

وقت گذرڻ ڏکيو هيو ڏاڍو،
پر تنهنجي ياد ۾ ويو گذري.

مَنَ جي پَنڇي اُڏڻ نہ چاهيو،
پر تنهنجي ياد ۾ ويو اُڏري.

❉

## خوابن ڪان بَنواس

بس خوابن ڪان بَنواس وٺان،
يا تو ڪان ٿوري آس وٺان.

جيڪا پنهنجو پاڻ اُجهامي پئي،
ڇٺُ ڪنهن ڪان اهڙي پياس وٺان.

تون موٽي ايندين مون ڏي ئي،
ڇٺُ ڪنهن ڪان هي وشواس وٺان.

❊



## شام سَنگي هئي

شامَ سَنگي هئي سَرتي هئي هَمراز هئي،
هُوَءَ هر شئي تي اثر انداز هُئي.

نَقشَ گهرا ڇڏي وئي،
هُوءَ هر شئي تي اثر انداز هئي.

اُفق ۾ چنڊ ستارا هئا سارا هيڪل،
اُداسي هن جي تہ هر شئي تي اثر انداز هئي

❊

# موٽي اچ!

ويندي ويندي جهلمل تارا موٽي اچ،
اميدن جا بي انت ڪنارا موٽي اچ.

اچ ٻُولهيون گڏجي سانجه ستارا موٽِي اچ،
تو ڏانهن هِن ڪجه گيتَ اُڏارا موٽي اچ.

دل جا او بي مِثل سهارا موٽي اچ،
ويندي ويندي وقت جي ڌارا موٽي اچ.

❊



# پيچرا پاڑ ۾

پيچرا پاڑ ۾ ڪجه سَليندا رهيا،
موسمن جون جفائون ونڊيندا رهيا.

پلئُ ڪنهن جي پئي ڳاله ڪنهن جي پلا،
ائين هڪ ٻئي کي جو هو ڳٿيندا رهيا.

تن جي ڳالهين تي ڪيئن پلا ويساه ٿي؟
ڳاله هڪڙي ڪري پوءِ مٿيندا رهيا.

❊

## مون سان ھُو سال ڪان مليو ناھي!

مون ڪان ھو حال پڇي ويو آ مگر،
پنھنجي احوال سان مليو ناھي.

موسمون ڪيتريون ئي گذري ويون،
مون سان ھُو سال ڪان مليو ناھي.

ائين لڳي ٿو تہ صديون گزري ويون،
جو رڳو سال ڪان مليو ناھي،

❊



## ياد تہ ايندو ھوندين پرين!

ياد تہ ايندو ھوندين پِرين!
جي سچ نہ چئون سا ڳالھہ آ ٻي.

دل پُڇندي رھندي ھوندي پَرَ،
جي ڪجھ نہ ڪُڇئون سا ڳالھہ آ ٻي.

ھن سچ ٻڌڻ لاءِ وَس ڪيا،
جي ڪجھ نہ مڃئون سا ڳالھہ آ ٻي.

❊

## جي هن رستي ۾

جيون جي هن رستي ۾،
ڪيئي گهيرَهُيا ڦندَ ڦيرَ هُيا.

دل جان سان ڪو احساس ڪري،
۽ پنهنجن وانگر پيار ڪري،

سي سوچون ۽ سي اميدون،
چڙ ديواني جا خوابَ هُيا.

❊


www.sindhsalamat.com

## الجهيل دل

ڇا ٿيندو آ، ڇو ٿيندو آ؟
ڪنهن کي ڪڏهن،ڪو پتو هوندو آ.

سُلجهي ويندو آ،هر هڪ سُٽ،
من جو منجهي،تہ ڪٿي سلجهندو آ.

هُن شهر ۾ ڪوئي تہ هوندو،
ڪو ايئن ڀلا ڪيئن ڀُلجندو آ؟

❊


www.sindhsalamat.com

## نيڻ برسات ۾

نيڻ برسات ۾ ڀِنا آهن،
ڪير چئي ٿو تہ هي رُنا آهن.

موتي موتي جو ٿي وئي آ لڙي،
گُلَ جڻ ٽار کان ڇِنا آهن.

شاعري مون ڪئي آ لُڙڪن سان،
ڏس تہ آلا سيئي پنا آهن.

❊



## وڇڙيا ويڙهيچا

وِڇِڙيا ويڙهيچا،
ڪنهن ڪان ڪهڙا پَنڌَ پُڇان.

جبلن جيڏا بارَ هُجن پر،
ڪنهن سان ڪا پٿري نہ ونڊيان.

جڳ چوي ٿو پيو ڪو دانهين،
مان پر ظلم تي ڪونہ ڪُڇان.

❊

## اي پَري پيڪَر

اي پَري پيڪر تو پنهنجا،
خواب ڇو سستا وڪيا؟

غير تي بينا سيئي،
جي لڳا پنهنجا هُيا.

رستا ها سولا سيئي،
پر نيٺ مقتل ڏي ويا.

❋



## ڏينهن چڙهيا هِن موسم جا

آسمانَ جي هنج پريل آ،
ڏينهن چڙهيا هِن موسم جا.

ڏس تہ ورائي اکڙين کي تون،
تنهنجي ڳُلهي تي ڪير سُتل آ.

ءِ ڏس ٿورو دِل اندر تون،
ڪير آ راضي ڪير رُٺل آ.

❋

## تنهنجيون اکڙيون نِيل ڪَمل

تنهنجيون اکڙيون نِيل ڳمل،
منهنجيون اکڙيون نيسارا.

منهنجو آڳُر وِڪريل وانجهيل ،
تنهنجو آڳُر چنڊ ستارا.

پلڪ ۾ ڪنهجي پائي ويو آ.
ڪنهن ڪان وٺجن نينهن اُڌارا.

❊



## پَڪَ نہ آ
## هُو موٽي ايندو

پَڪَ نہ آ هُو موٽي ايندو،
پوءِ بہ دل ڪي اوسيئڙو آ.

گيڙوَ رتڙا ڪپڙا پائي،
رُليو گهٽين ۾اج جئيڙو آ.

برف ٽيو آ سارو تن من،
ٿَه سياري جو سيئڙو آ.

❊

## اي بادِ صبا
## چئو ڪهڙا هُيا

اي بادِ صبا چئو ڪهڙا هُيا،
جي خواب اکين ۾ رهجي ويا.

ائين خوابن کي آواز مليو
ڇڻ ساز اکين ۾ رهجي ويا.

ٿا جهاتيون پائن پَلڪُن مان،
جي راز اکين ۾ رهجي ويا.

❊



## لِيڙَلِيڙَلوئيِ

لِيڙَ لِيڙَ لوئيِ،
سا بہ اڄ هن ڪوئي،

ڪنهن کي ڇوي روئي.
۽ لڙڪ دل جا ڌوئي.

هر جُرم ۾شريڪ هو
آڳر ٿو ڪٽي سوئي.

❊

## تنهنجي مِٺين
## ڳالهين جا

تنهنجي مِٺين ڳالهين جا،
بارَدل تي آهن.

قرضَ هِڪَ گهڙيءَ جا،
هزار دل تي آهن.

يادن جا سلسلا،
سَوار دل تي آهن.

❊



## هُئي سرد هوا
## بيدرد هوا

هُئي سرد هوا بيد رد هوا،
اج کوليا سارا درد هوا.

سپ وِسرن هان هوريان هوريان،
چو کوليا سارا درد هوا.

اي دِلڙي چئو تون ڪيئن بچندينءَ،
جي کوليا سارا درد هوا.

❊

## تو ڪونہ
## چئي ڳالھ

تو ڪونہ چَئي ڳالہ،
پر ڪُڇي بہ وئين،

دل ڪان تون دل جي ڳالہ،
اڄ پُڇي بہ وئين.

تون چُپ رهين پر ساڻ
تون چئي بہ وئين.

❊



## ها دل
## پاڳل ديواني هئي

ها دل پاڳل ديواني هئي،
هن چور ۽ چڪور جي.

جيڪو پرسوئي اُڏامي ويو،
ان چور ۽ چڪور جي.

جيڪو آسمان ۾ گُم ٿي ويو،
ان چور ۽ چڪور جي.

❊

# هُن پرچڻ ۾ جو دير ڪئي

هُن پرچڻ ۾ جو دير ڪئي،
مون پرچائڻ ئي ڇڏي ڏنو.

دل ريجهڻ ۾ جو دير ڪئي،
مون ريجهائڻ ئي ڇڏي ڏنو.

در کولڻ ۾ جو دير ڪئي،
مون کڙڪائڻ ئي ڇڏي ڏنو.

❊



# احساس جيان هو

احساس جيان هو
هُو ساهه جيان هو.

هر شيءِ کان سُبڪ رُوهو
رفتار جيان هو.

جيڪو پهريون دفعو ٿيو هجي،
ان پيار جيان هو!

❊

## هُيو تو سان پيار شايد

هُيو انتظار شايد،
هُيو اعتبار شايد.

دل هاڻي ماٺ ۾ آ،
هُئي بيقرار شايد.

رهيوهاڻ ڪجھ بہ ڪونهي،
هُيو تو سان پيار شايد!

❊



## وَري باک ڦُٽي آ

ڪوئي تہ اٿي ننڊ مان،
وَرِي باک ڦُٽي آ.

خوابن کي ڇڏي اڌ ۾،
وئي رات کُٽي آ.

هارائي کَٽي وڃي،
سامات سٽي آ.

❊

## بيوس ۽ لاچار بٽائي

بيوس ۽ لاچار بٽائي،
پوءِ انهن کي لُوئين ٿو.

پنهنجو پيٽ ڀرڻ لءِ هر پل،
خواب انهن جا ڳوهين ٿو.

ڪجھ بہ نہ ڏيٺو پوي انهن کي،
پٿرين وانگر سوئين ٿو.

قتل ڪري تون ماڻهن کي،
داغ سمورا ڌوئين ٿو.

❊



## بادلَن ۾ پريا رنگ

بادلَن ۾ پريا رنگ ڪنهجي هٿن،
ڏات جي ڏھ ۾.

خوابن جا ڏيا ڇو اُجهامي ويا،
رات جي ڏيه ۾.

ماڪ وسندي رهي پنکڙين جي مٿان،
باڪَ جي ڏيه ۾.

بي وزن ٿي ويا ڪوڙَ جي بار سان،
ساڪَ جي ڏيه ۾.

❊

## دل نہ آ مڃڻ واري

مان ڪٽي مڃي ٻہ وٿان،
دل نہ آ مڃڻ واري.

مان ڪٽي ڇڏي ٻہ ڏيان،
دل نہ آ ڇڏڻ واري.

مان ڪٽي ڳُسي ٻہ وڃان،
دل نہ آ ڳُسڻ واري.

مان ڪٽي مُڙي ٻہ وڃان،
دل نہ آ مُڙڻ واري.

❊



## سِڄ لٿي سوچن جا

سِڄَ لَٿي سُوچن جا،
گهيرا تنگ ٿيندا ويا.

تارن جي جهلمل ٿي،
خواب هيٺ لهندا ويا.

پَکي آشيانن ۾،
پنک سوئي وسندا ويا.

تنهنجي ياد جا مخمل،
جسم کي ويڙهيندا ويا.

❊

## ان ڪان اڳ جو
## وڇڙي وڃجي

ان ڪان اڳ جو وِڇڙِي وڃجي،
گڏجي ديپ جلايون ڪوئي.

دنيا جي هن شور ڪان پري،
دل جو ساز وَڄايون ڪوئي.

ٽڪجي پيا هون شهر ۾ رهندي،
جيڪر جهنگ وسايون ڪوئي.

ڪاوڙ ڇڏ ۽ موتي اچ تون،
گيت پراڻو ڳايون ڪوئي.

❊



## توکي
## رازِ دل ٻڌايون

توکي رازِ دل ٻڌايون،
يا پاڻ سمجهي ويندين.

مون کي نہ ڪا خبر هئي،
پوءِ ائين نہ چئي سگهندين.

ڳالهيون بہ مختصر هن،
آهين بہ اجنبي جڻ.

پر مون کي اها خبر آ،
پوءِ ايئن نہ رهي سگهندين.

❊

## رازدل جا

مون هميشہ راز دل جا دل ۾ ئي سانڍيا هئا،
شاعريءَ تي چار ڪوليا پوءِ تہ بس کُلندا ويا.

مون هميشہ ڪي بهانا زندگي گهارڻ جا چاهيا،
منهنجي دل تي چار ڳولهيا پوءِ تہ بس ملندا ويا.

مون هميشہ ڪي بهانا تو تائين رسڻ جا چاهيا،
زندگيءَ تي چار ڳولهيا پوءِ تہ بس ملندا ويا.

مون هميشہ ساز دل جا اڻ ڇهيل سانڍيا هئا،
پيار تنهنجي تار ڇيڙيا پوءِ تہ بس وڄندا ويا.

❊



## رُسڻ بہ ڇڻ ڪا
## راند هجي

رُسڻ بہ ڇڻ ڪا راند هجي جو،
روز رُسي ۽ پرچي ٿي دل.

روز ڏسئون ٿا خوابن ۾ پر،
ڪونہ تڏهن پي پَرجي ٿي دل.

هر ڏينهن تي احساسَ نوان هِن،
روز نئين مان سَرجي ٿي دل.

ڪونہ پوي ٿي دل کي ڪا گَل،
جڏهن وچي هيءَ عرضي ٿي دل.

❊

## مَن مائل آ

مَن مائل آ،
۽ تنهنجي ياد ۾ گهائل آ.

تُون در چو واري ويٺو هين،
اڄ دِل هن در جي سائل آ.

تنهنجي هر سوچ ۽ سپني جو،
هي مَنُ هر حال ۾ قائل آ.

تون ڪيڏو پيار ڪندو هوندين،
دل ان اُميد سان ڏايل آ.

❊

نما شام :تانيا ٿيبو



## پَنڪ پڪيڙي
## اُڏريو پنڇيِ

پَنڪ پڪيڙي اُڏريو پنڇيِ،
منهنجي دل هِرڪائي ويو.

بس خاموشيءِ جي ٻوليءَ ۾،
ڇا ڇا ڪو سمجهائي ويو.

سارنگ اهڙو سُر ڇيڙيو جو،
منهنجو من ريجهائي ويو.

منهنجي ڪانهه هلي ٿي ڪائي،
پنهنجي ڳالهه مڃائي ويو.

❊

نما شام :تانيا ٿيبو

## هر پل قرضي رُوح جو آ

هر پل قرضي رُوح جو آهي،
ڪنهن ڪان ڪهڙا حسابَ وٺجن.

جيئن گُذري ٿي گذرڻ ڏي تون،
ڇو دل ڏئي پوءِ عذاب وٺجن.

فيس بُڪ ۽ ٽُوئٽر جي دور ۾،
ڪهڙا ويهي ڪتاب وٺجن.

ڇئو ڙي قسمت ڇا پئي وڪڻين؟
تو ڪان ڪهڙا عَتابَ وٺجن.

❋





## چوڏاري چانداڻ ڪري ويو

چوڏاري چانداڻ ڪري ويو،
موتيَن جي سُرهاڻ ڪري ويو.

سَنجها سان گڏ سانوڻ آيو،
چوڏاري ڇٽڪار ڪري ويو.

نيٽن ۾ هو جهاتي پائي،
اکڙين کي مهراڻ ڪري ويو.

ساهن کان پي ويجهو آٽي،
پل ۾ هو اڻجاڻ ڪري ويو.

❋

## ٽڏڙي اُترهير گهُلي پئي

آهي سانوڻ مينهن ۽ موجون،
دور اُفق تي ڪنوڻ کِلي پئي.

سمنڊ ڪِناري ڪير ٿو ساري،
ٿَڏڙي اُتر هير گهُلي پئي.

آڳُرَ ۾ سڀ رنگَ لٿا هِن،
۽ پاسي ۾ ڊيل ٽِلي پئي.

ڏيهُ سڄو اُتساهه ۾ آهي،
سَجني جو ساجن سان ملي پئي.

❊





## ڳالهه ساڳي آ پرين

ڳاله ساڳي آ پرين،
پوءِ تون پُڇين يا مان پڇان.

پيار رهندو پيار،
پوءِ جي تون ڪرين يا مان ڪيان.

درد رهندو درد پوءِ جي،
تون سهين يا مان سهان.

ڏوهه رهندو ڏوهه،
پوءِ جي تون ڳُڇين يا مان ڳُڇان.

❊

## هنُ جي نيَڻن ڪان

هنُ جي نيَڻن ڪان گُهر پاڻي،
پريل هوندا اٿئي هر پل.

هن جي وارن ڪان گهُر جل ٿل،
پِنَل هوندا اٿئي هر پل.

اجان محوِ سفر آهين،
اُجايل ۾ ٿڪل آهين.

هن جي نيَڻن ڪان گُهر پاڻي،
پريل هوندا اٿئي هر پل.

❊





www.sindhsalamat.com

## سَنجها ڪولي وار ستي آ

سَنجها ڪولي وار سُتي آ،
چِڙ ڪا دل ۾ سار اُٿي آ.

بند آ قلف ڪڙن سان هر پل،
هن در ۾ ڪا ڪانـ وٿي آ.

اي دل مجي بہ وٿندي ڪر تون،
جيڪا جنهن جي ڳاله ستي آ،

سنهڙي سُهٽي ڪاري ڪڪري،
ڪارونجهر تي زور وَٿي آ.

❊





www.sindhsalamat.com

## اجا هيءَ ابتدا آهي .

توهان جي گھر بہ ايندا سين،
اجا هيءَ ابتدا آهي.

توهان کي پيار ڏيندا سين،
اجا هيءَ ابتدا آهي.

توهان جو ساٿ ڏيندا سين،
اجا هيءَ ابتدا آهي.

توهان کي ياد ايندا سين،
اجا هيءَ ابتدا آهي.

❊



## دل تائين رَسَڻ

ڪنهن جي دل تائين رَسڻ يار،
ڪڏهن سؤلو نہ هُيو.

موٽي آيا سين ڪئي وار،
جتي ڍوليو نہ هُيو.

ڪيئن ملنداسي ميارن سان،
جن کي ڳولهيو نہ ويو.

مون تہ رستو نہ مٿيو
توئي بس ڳوليو نہ هيو.

❊

## دل ۾ صحرا به آ دريا به آ

دل ۾ صحرا به آ درياءُ به آ،
چئه تون ڪاڏي ويندين؟

دل ۾ هلچل به آ ٺهراءُ به آ،
چئه تون ڪنهن جي ٻڌندين؟

دل ۾ احساس به آ ارمان به آ،
چئه تون ڪنهن تي هلندين؟

دل ۾ هِڪَ سانت به آ شور به آ،
چئه تون ڪنهن جي ٻڌندين؟

دل ۾ منصف به آ مجرم به آ،
چئه تون ڪنهن جي مڃندين؟

❊



## شام سِتارا

هيءَ شام سِتارا ٿي ويندي،
ڪي گيت پِيارا ٿي ويندي.

هيءَ روح منهنجي ۾ رَچي رَچي،
ڪي ڏور نظارا ٿي ويندي.

هيءَ مڌ بڻجي من ۾ لهندي،
۽ تن ڪي دور ڇڏي ويندي.

هيءَ ڪويل وانگر ڪوڪ ڪري،
ڪي گيت ڇڏي اڏري ويندي.

هيءَ شام سِتارا ٿي ويندي،
ڪي گيت پِيارا ٿي ويندي.

❊

## بادل پرجي برسيا هوندا

بادل پرجي برسيا هوندا،
پوءِ ٻه مورَ پر ٿَرسيا هوندا.

درياه ڪناري ڇِيڪي مٿيءَ،
تان ڪيئي گُلڙا ٽِڙڪيا هوندا.

پکي اياڻا ديس پري جي،
ڪنهن ٿاريءَ تي هِرڪيا هوندا.

ڪارا بادل بَرسيا هوندا،
نيڻ ٻه تِن سان وَرسيا هوندا.

وڇڙي جيڪي ڪاله ويا ها،
روحَ ٻه تن لاءِ ٿَرسيا هوندا.

هُن جي وارن جي ريشم تان،
سورج ڪِرڻا گِسڪيا هوندا.

❊



## پکي پرديس کان ايندا

پکي پرديس کان ايندا،
انهن جي سار تون لهجان.

پکي پرديس کان ايندا،
انهن جا ٻول تون ٻڌجان.

پکي پرديس کان ايندا،
انهن کي پيار سان پَسجان.

پکي پرديس کان ايندا،
انهن جا پر نه تون پٽجان.

پکي پرديس کان ايندا،
نه تن کي قيد ۾ وجهجان.

پکي پرديس کان ايندا،
انهن جي سار تون لهجان.

❊

## اُوچا ڳاٽَ ڪري بيٺا هِن

اُوچا ڳاٽَ ڪري بيٺا هِن،
باطل جا بُت ڊاهه ڪٽي.

زنجيرون سڀ ٽُٽي پون،
گيت اهو اڄ ڳاءِ ڪٽي.

هونئن بہ ڪجھ ٻي بچٽو ناهي،
پنهنجو سڀ ڪجھ لاءِ ڪٽي.

جو ٻي تنهنجي دل ۾ آهي،
هاڻي ٻلا تون ڳاءِ ڪٽي.

نيت تہ مرڻو آهي ساٿي،
ڪائي آڳ لڳاءِ ڪٽي.

❊



## نہ وڪَ وڏائي

نہ وِڪَ وڏائي، نہ در وَرائي،
ڳهيلي آخر سدا ڪان آهي.

نہ در مان روڪي نہ ئي سڏائي،
اڪيلي آڳُر سدا ڪان آهي.

نہ رُسندي روئي نہ هَٿ چڏائي،
هٿيلي آخر سدا ڪان آهي.

سيئي سهارا ۽ سنگ سارا،
نہ مور مُڙندي ٻَلي وڃائي،
هٿيلي آخر سدا ڪان آهي

❊

## تنهنجي پيءِ حال مان

تنهنجي پِي حال مان لڳي ٿو تون،
پنهنجي ئي حال کان غافل آهين.

پنهنجي پِي دل کان پُڇي ڏس ٿورو،
ڪنهن کي تُون ڪيترو حاصل آهين؟

جنهن کي ڪنهن تي رحم نه ايندو آ،
تُون به ڇا بي رحم سا دل آهين؟

وچ وچي ڏس ته ٿورو مقتل ۾،
ڪنهن جو تُون ڪنهن گهڙي قاتل آهين.

سَچَ ۽ حق جي جنگ ڪنهن سان وڙهون،
تون ئي حق تون ئي ته باطل آهين.

جي ٿڪاسين تو وٽ رهي پونداسين،
تون سفر تون ئي ته منزل آهين.

❊



## تنهنجي ڪَچي پڪي چِٽ تي

تنهنجي ڳچي پڪي چِت تي،
اج به مينهن ڪجهه زور وٺو آ.

هاڻي ڪجهه ته سهائڻ سک،
تو اج تائين ڪوڙ سٺو آ.

هُن جون ماڙيون لڪ لهن ۾،
تَنَ تي تنهنجي ڪو نه لٺو آ.

پير پِٿون ٿيا آهن تنهنجا،
پنڌُ پريڻ ڏانهن ڪونه کُٽو آ.

درد جا درياهه اُٿلي پيا هن،
مينهن مَنهَه تي ڪونه وٺو آ.

تو سان ڇو ڪو نينهن ڳنڍيندو،
هر ڪنهن پنهنجو پاڻ مِٺو آ.

فريادي سي ٿي ويا آهن،
جن جن توکي پاڻ ڪُٺو آ.

❊

# رات گُهلي آهير جيان

سارو من مُرڪي پيو آهي،
اڄ رات گُهلي آ هير جيان.

ٿا ڇَڻ ڇَڻ ڪن سارا لمحا،
ڪنهجي پيرن جي پازيب جيان،

اڄ تارا ٿا اُڀ ۾ ڏسجن،
ڄڻ ڏيئن جي تصوير جيان.

تن من ڪي ويڙهي ويٺا هن،
اڄ خواب هُيا زنجير جيان.

پيرن کي ٻَوڙي ويا پل ۾،
ڪينجهر جي ٿڌڙي هير جيان.

سڀ ڪجه دل کي محسوس ٿيو،
اڄ خواب هيا تعبير جيان.

❊



# اکڙيون

ڄاتل ۽ سُڃاتل اکڙيون،
ڄڻ پَنني تان ٻاٿل اکڙيون.

سِڄَ ڪنيءَ سان گَجلا پائي،
پوءِ بہ هيون ڄڻ ٿاڌل اکڙيون.

ڏُک ڏسڻ آ ڏُونگر ڏارڻ،
نيٺ ٻٽيون هِن بادل اکڙيون.

سڄي حياتي رهيو اوسيئڙو،
تڏهن تہ آهن وياڪل اکڙيون.

ڪليل اکين سان ڏسن ٿيون سپنا،
تڏهن رهن ٿيون جاڳيل اکڙيون.

ميلي مان ڄڻ موتيا آهيون،
روح پيا سا ڊاپيل اکڙيون.

❊

## توسان دل جي ڳالهه

هن سان دل جي ڳالهه ڪري پڇتايو آهي،
جنهن جو مَن منهنجو هوندي بہ پرايو آهي.

ها بہ نہ آهي نہ بہ نہ آهي پوءِ بہ هو منهنجو آهي،
هُن ۾ هي ويساهه پوءِ تہ سجايو آهي.
.

در در ڀٽڪي جَڳَ سان اٽڪي چؤ ڇا ملندئي،
ماڻهوءَ جو ماڻهوءَ سان جهڳڙو اَجايو آهي.

هوئي هٿ مان واريءَ وانگر ترڪيو آهي،
دل تہ هن کي ڪونہ ڪڏهن بہ وِڃايو آهي؟

جي در کڙڪي هيءَ دل ڌڙڪي ان پل ڇو ٿي،
سَنجها ويلي ساجن شايد آيو آهي.

اَڙي رُسا مان جڳ کان کهڙا رسون ٿا ان کان،
تو مون کي جنهن ٿاهيو آهي.

❊



## ڀرجي ايندا
## نيڻَ ڪنول

ڀرجي ايندا نيڻَ ڪنول،
هُن جي ٿورو پيار ڏنو.

دل تي نہ هلندي ڪا جهل پل،
هُن جي ٿورو پيار ڏنو.

وسري ويندي بعد ۾ ڀُلَ،
هُن جي ٿورو پيار ڏنو.

دل ۾ ڏيندو نيهن اُڇَل،
هُن جي ٿورو پيار ڏنو.

دل کي نہ رهندي ڪائي ڳل،
هُن جي ٿورو پيار ڏنو.

ڪيئن وسرندي اُها مهل،
هُن جي ٿورو پيار ڏنو

❊

## سرد سياري
## جهڙيون

سرد سِياري جهڙيون اکڙيون،
پهرين بارش جي آجيان لاءِ،
پنهنجون پَلڪون کولِن ٿيون.

اندر پنهنجي ڪڙو ورائي،
سوچيندي ڪيئن اندر آيون،
گهر جون چاٻيون ڳولهن ٿيون.

❊



## ايڏي پَٽ ڪوه

ايڏي پَٽ ڪوهه،
جنهن جي من ۾ چور ازل کان،
دانهي ٿو سو.

تڪليفون ۽ درد ڏين ٿا،
پوءِ بہ پڇن ٿا،
دانهي ٿو ڇو؟

❊

## سانوڻ جا
## ڪارا ڪَڪرَ وَسيا

سانوڻ جا ڪارا ڪَڪرَ وَسيا،
ڪله تائين منهنجي گهرَ تي وسي،
هاڻي هِن نئين ڪنهن ديس اُسهيا.

ڪله تائين جيڪي راضي ها،
هر ڳالهه هئي جن لاءِ سٺي،
اڄ ڪهڙي ڳالهه تي موکان رُسيا؟

❊



## ايڏي گوڙَ ۾
## ايڏي شَرڏا

ايڏي گوڙَ ۾ ايڏي شرڏا،
ڪيسين پاڻ کي ڏوکو ڏيندين،
ڪيسين رکندين سچ تي پردا.

جيسين دل کي دارون ملندو،
درد بہ ويندا تيسين وڌندا،
ايڏي گوڙ ۾ ايڏي شرڏا.

❊

## ڪَرَڪَٽيِ
## ڪڪريون اُٿيون

ڪَرَ ڪٽي ڪڪريون اُٿيون،
پنکڙين تي پره جو
ماڪ جون بُوندون لٿيون.

موج ۾ من هو هوا جو
موگري جي مهڪ ميڙي،
باک سان لائون لڌيون.

پوپٽن تان رنگ ميڙي،
۽ پٽَن تان پَنَ سيري،
هيِرَ جو لهرون اُٿيون.

❊



## جي تُون
## خوابن ۾ اچين هان

تنهنجي اکڙين مان،
مُرڪَ چورائي وٺان هان،
جي تُون خوابن ۾ اچين هان.

تنهنجي ڳالهين مان،
ٽهڪ چورائي وٺان هان،
جي تون خوابن ۾اچين هان.

سارو رستو انتَ تائين،
توسان گڏجي مان هلان هان،
جي تون مون کان ڀي پُڇي هان.

درد تنهنجا سڀ ونڊيان هان،
ڳوڙها اکڙين مان اُگهان هان،
جي تون ٿورو ئي ڪُڇين هان .

تنهنجي جيون کي پرين،
سچ ته مهڪائي ڇڏيان هان،
جي تون ٿورو ئي ملين ها.

❊

## وَڻَ ويڙهيِ

او وَڻَ ويڙهيِ،
تنهنجي کهڙي،
ڳاله ٻُڌي آ هُنَ؟

او وَڻَ ويڙهي،
تنهنجي کهڙي،
ساره لڌي آ هُنَ؟

چين کسي ٿو،
روز رُسي ٿو،
پوءِ بہ وسي ٿو مَنَ.

روز اچي ٿو،
کونہ وسي ٿو،
پوءِ بہ وسي ٿو من.

❊



## وَقتَ جي
## ويرَ اُٿي

وَقتَ جي وِيرَ اُٿي،
پيرن وٽ نئون پاڻي هو،
پر آڳرين ۾ هئي ساڳي مِٽيِ.

دل ۾ هر ڳاله لَٿيِ،
هر ڳاله ۾ هم آهنگي هئي،
پر سوچن ۾ هئي ساڳي وِٿيِ.

مون ڇيو رات کُٿي،
رات چمڪي هئي هڪ پل،
ڏِئي ڪان ساٿ وٿي.

❊

## چلڙو

چيچ ۾ چلڙو پاتو آ هُنَ،
اڻ ڪاڏل ڪجھ قسمن جو.
قولَ قرار جي رسمن جو،

تنهنجي پيار ۾ ڪئين مٽيو آ،
دل هي قيدي ٿيندو ويو آ،
اڻڇاتل ڪجھ رسمن جو.

❊



## چوٿوائين
## ويچا وڏائين

چوٿوائين ويچا وڏائين،
مان ننڍي ايڏي نہ آهيان،
تون وڏو ايڏو نہ آهين.

چوٿوائين ويچا وڏائين،
مان وڏي ايڏي نہ آهيان،
تون ننڍو ايڏو نہ آهين.

❊

## جن جون ڳالهيون
## وَرَوَڪَڙ

جن جون ڳالهيون وَرَوَڪَڙ،
جن جون ڳالهيون ڪُوڙ جو گهر.
سي راهہ ۾ رولڻ ڪان سوا،
ڀيو ڇا ڪندا ڀيو ڇا ڪندا؟

رُڳو دِهمانن ۾ ڊاڙن تي،
آ جن جو هميشہ گُذر سفر،
سي ڪنڌ ڳڏائڻ ڪان سوا،
ڀيو ڇا ڪندا ڀيو ڇا ڪندا؟

❊



## پيچرا

ڪنهن سڏي رستي سان منزل،
ناهہ ملندي او ڇري.
اڄ هوا جي زورڪان تون،
سپ پُڇي ڇڏ پيچرا.

هاڻي بس ايندو ئي هوندو،
اڻ ڏٺل واهُن تان ورندي.
اڄ پريئن جي ساٿ سان تون،
سپ ڏسي ڇڏ پيچرا.

❊

## پُل صراط آ

زندگي آ،
يا پُلِ صراط آ؟
منهنجي لاءِ.

باقي بي پرواهه
بي لغام آ،
تنهنجي لاءِ.

❊



## سِرَ جو قسم کڻي

سِرَ جو قسم کڻي،
آتش مان به گُذرياسين،
شَڪَ جي نگاهه سان هُو،
ڏسندو رهيو اسان کي.

اڄ تائين جنهن ۾ ڪوئي،
ٿيو پاس ڪونه آهي،
ان امتحان ۾ هُو،
وجهندو رهيو اسان کي .

هر شعر دل جي خون ۾،
ٻوڙي لکيو هُيوسين،
ڪنن ۾ وجهي ڪپه هُو،
ٻُڌندو رهيو اسان کي.

❊

## هٿ ٻڌل
## ۾ تن تي پهرا

هــٿ ٻَــڌل ۾ تــن تــي پــهــرا،
گــهــاوَ ٻــ آهــن دل ۾ گــهــرا،
ڪچندين تان ڪافر سڏبين،
چــو ڏِسيــن ٿــو خــواب اِهــڙا.

ســايــيــان بــي پــرواهہ پــڪــي،
اڏري ويندئي ڪن پل ترسي،
جن جي سايبان هٿ نہ اچٽي
چــو ڏسيــن ٿــو خــواب اهــڙا

❊



## مِٿيءَ هاٺا
## پَنڌ پُراٺا

راهہ ۾ رُلجي ويندي دِلڙي،
پرديسين جا ڪونہ ٺِڪاڻا.
مِــٿــيءَ هــاڻــا پَــنــڌَ پُــراڻــا،
پرينءَ پُڄاڻان ڪيئن ڪبا؟

ڪنهن ڪان درد جو دارون وٺبو،
راهہ ڏگهي ۾ ويچ اياڻا.
موتي ماڳ تي اچبو هر هر،
ڪيئن تہ ڇڏبا ڳَڪَ اباڻا.

❊

## واهڻ ۽ وسڪارا

واهڻ ۽ وسڪارا،
گيتَ پِره جا پيارا،
اڪڙين بَندَ ٽُٽي پيا آهن،
ڪيئن نہ وهن نيسارا.

اڄ موسم پڻي موجَ ۾ آهي،
۽ سنڌو پڻي اوجَ ۾ آهي
اڄ تہ ٻڌؤن پنگهٽ جي پاسي،
گيت پڪين جا پيارا.

ڪَڪَرَ مينهن بن رهي نہ سگهندا،
پکي نينهن بن رهي نہ سگهندا،
جي ڪونہ هوندن پنهنجي پلئہُ ۾،
وڻندا ڪنهن ڪان نيهن اڏارا.

دور افق ۾ رنگ بہ سرجيا،
آسمان ۾ بادل گَرجيا،
يا پئي وڳا يڪتارا.
اڪڙين بند ٽٽي پيا آهن،
ڪيئن نہ وهن نيسارا.

❊



## اداس رات جو قرض

آ سانت سفا گهري،
وينا بہ پڳل آهي.
شايد اداس رات جو
ڪجه قرض رهيل آهي.

پاڻي بہ تہ ميرو آ،
ڪارو ڇو ڪنول آهي؟
شايد اداس رات جو
ڪجه قرض رهيل آهي

نيڻن سندي گهاگهر ۾،
پاڻي بہ پريل آهي.
شايد اداس رات جو
ڪجه قرض رهيل آهي

سِپَ جي سيني ۾،
ڳوڙهو بہ لڪل آهي.
شايد اداس رات جو
ڪجه قرض رهيل آهي

آڪاش تان تارن جي،
چادر بہ هٿيل آهي.
شايد اداس رات جو
ڪجه قرض رهيل آهي.

❊

# پاڻي

هن پيري ساوڻ جمي وسيو آ،
ها پوءِ ٻوڏ ته اچڻي آ.
سڀ ڪجه وهندي اسان ڏٺو آ،
هاڻي ته سِر تائين پاڻي آ.

سوڪهڙو آيو ٻوڏون آيون،
ليڪن اهڙيون ڪڏهن نه آيون،
جهڙيون هاڻي آيون آهن،
ايترو پاڻي ڪيئن برسي پيو،
درياهه کي حيراني آ.

سُڪل ٽُڪرا رُکي ماني،
وِيا ڳل اکڙين ۾ حيراني
سُڪل چَپَن تي خاموشي ۽،
اکڙين ۾ بس پاڻي آ،



ڪيئن گڏيءَ جو گهر نه ٻڏجي،
ٽُٽَل گهر جيِ ڪچيِ ڇِتِ تي،
جَميِ وَسيو پاڻي آ.

هِنن اَکڙين ڇا نه ڏٺو آ،
ڇو انهن ۾ حيراني آ؟
پنهنجن کي پيي لَجَ نه آئي،
پاڻي ته وري به پاڻي آ.

سِر تي ڇَتِ جهڙوئي ڪجه هو،
پر اها ڳاله پراڻي آ،
پيرن جي هيٺيان ڌرتي هئي،
هاڻي پاڻي پاڻي آ.

❊

## تنهنجي حساب ۾ آ

منهنجو نصيب رڙندو
روئيندو ڇو رهي ٿو؟
جيڪا بہ آ حقيقت،
تنهنجي جواب ۾ آ.

هِن جڳ ۾ ڪوبہ سچي،
ڪونهي ڏٺو خوشيءَ ۾،
ڪيڏو بہ ڪٽي ڇهڪي،
هر ڪو عذاب ۾ آ.

ڏکن جا گهاوءَ گهرا،
اوندھ جا بادلن تي پهرا،
جيڪو بہ پلءُ پيو آ،
تنهنجي حساب ۾ آ.

❊



## رُوميءَ جي رِلهي

پَٽَ ڪوهَ نہ ڪر ايڏي،
بس هاڻ رهڻ ڏي.
رُومِيءَ جي رِلهي ويڙهي،
بس هاڻ رُلڻ ڏي.
جي درد مِليا دل کي،
تن تي بہ کِلڻ ڏي.
رُومِيءَ جي رلهي ويڙهي،
بس هاڻ رُلڻ ڏي.

❊

## گهَٽ گهيَر هُيا

گهَٽ گهيَر هُيا،
ڦَندَ ڦير هُيا،
پر پوءِ بہ بچي،
ڪيئن نڪتين تون؟
هُو ڪوڙ هُيا،
شهزورَ هُيا،
پر پوءِ بہ بچي،
ڪيئن نڪتين تون؟
ڪئي موڙَ هُيا،
ءِ ڪوڙ هُيا،
پر پوءِ بہ بچي،
ڪيئن نڪتين تون؟

❊



## ڏُور اَنڌيارا ڪارا بادل

ڏُور انڌيارا ڪارا بادل،
جَهر جَهر وَسيِ بہ پوندا،
تون جي نہ ايندين،
رُسي بہ پوندا.
ڪير آ ڪارن نيڻن ويڙهيل،
سُندر سپنن لِڪل لِڪايل،
سڀ اسان ڪان پڇي بہ پوندا،
تون جي نہ ايندين،
رُسي بہ پوندا.
نيڻ وهن نيسارا ٻڄي،
دل ٻڄي وئي آليون ڪاٺيون،
ڇَپ اسان جا ٻري بہ پوندا،
تون جي نہ ايندين،
رُسي بہ پوندا.

❊

## اڄ جَڳ کان خُلاصائي

اڄ جَڳ کان خُلاصائي،
وجي هاڻ گھُرئون ٿا.
هِن درد کان پري،
ها پري پاڻ هلئون ٿا.
هڏڪيون نہ گھٽيئون ٿا،
ڳوڙها نہ اُگھئون ٿا.
هن درد کان پري،
ها پري پاڻ هلئون ٿا.
جڳ تنهنجي مسيحائي کان،
معافي بہ گھُرئون ٿا.
هِن درد کان پري،
ها پري پاڻ هلئون ٿا.
هن ديس ۾ ڪو دارون ،
ملڻو بہ ڪڏهن آهي؟
پوءِ ڪئين مسيحا جي
پيا راهہ ڏسئون ٿا.
هِن درد کان پري،
ها پري پاڻ هلئون ٿا.

❊



## ٻڙَ جي گھاٽيِ ڇانوَ

بابا رانديڪا نہ کپن،
ٻڙَ جي گھاٽيِ ڇانوَ وٺي ڏي،
ننڍپڻ مونکان ڪسي ڇڏيو تو،
ان جو ڪو پڙلاءُ وٺي ڏي،
بابا رانديڪا نہ کپن،
ٻڙَ جيِ گھاٽيِ ڇانوَ وٺي ڏي،
آيل هنج ۾ خوب سُمهاريو
پنهنجو ڪو بہ ڇُهاءُ وٺي ڏي،
بابا رانديڪا نہ کپن،
ٻڙَ جيِ گھاٽيِ ڇانوَ وٺي ڏي،
جنهن سان سڀ احساسَ فنا ٿين،
اهڙو ڪو اُڏماءُ وٺي ڏي،
بابا رانديڪا نہ کپن،
ٻڙَ جي گھاٽيِ ڇانوَ وٺي ڏي،
تنهنجا جيڪي گھاءَ ڏِنل هِن،
تن تي ڪو پڇتاءَ وٺي ڏي،
بابا رانديڪا نہ کپن،
ٻڙَ جيِ گھاٽيِ ڇانوَ وٺي ڏي،
دِل تان سڀ ڪجھ ريتي سگھجي،
اهڙو ڪو احساس وٺي ڏي،
بابا رانديڪا نہ کپن،
ٻڙ جي گھاٽي ڇانوءَ وٺي ڏي!

❊

## تُون ڪِٿي سمجهندين

رات ۽ ڏينهن ۾،
ڪهڙو آهي فرق،
تُون ڪِٿي سمجهندين!
ڪڪر ۽ مينهن ۾،
ڪهڙو آهي فرق،
تُون ڪِٿي سمجهندين!
وقت جي ڏور کي،
ڪو نہ سگهبو جهلي،
تُون ڪِٿي سمجهندين!
هڪ لڳئون ٿا مگر،
تُون ڪِٿي مان ڪٿي،
تُون ڪِٿي سمجهندين!

❊



## ڏس تو ڪيڏي دير ڪئي آ

رات کُٽي آ،
باک ڦٽي آ،
ڏِس تو ڪيڏي دير ڪئي آ.
پنَکَ پکيڙي،
اُڏريا پنڇي،
ڪويل ڪُوڪ مٺي آ،
ڏِس تو ڪيڏي دير ڪئي آ.
جِند بہ جڪڙيل،
جيُ بہ جڪڙيل،
ساهن سِيرَ پئي آ،
ڏِس تو ڪيڏي دير ڪئي آ.
سَنجها ويلي،
سينو ساهي،
سهڻي سِيرَ لٿي آ،
ڏِس تو ڪيڏي دير ڪئي آ.
هُو بہ پرائو
دِل بہ پرائي،
ڪنهن سان لانوَ لڌي آ،
ڏِس تو ڪيڏي دير ڪئي آ.

❊

## ذَرا دل کان پُڇي ڏس

ذَرا دل کان پُڇي ڏس تون،
تہ هُن سان ڪھڙيون ڪيون ڳالهيون؟
ڳالهيون يادون بڻجي ويندیون،
۽ پوءِ خوابن ۾ پيي ايندیون.
تڏهن تہ چئون ٿا،
تہ هُن سان ڪھڙيون ڪيون ڳالهيون.
رازَ بہ کُلندا هوريان هوريان،
اکيون بہ سپ ڪجه چئي ڇڏينديون.
تڏهن تہ چئون ٿا،
تہ هُن سان ڪھڙيون ڪيون ڳالهيون.
ذَرا دل کي چئي ڇڏ تون،
جڏهن هُن سان وڃي ملبو،
تہ وسري ويندیون سڀئي ڳالهيون!

❊



## شھرِ قاتِل

شھرِ قاتِل ۾ گُھمڻ نڪتو هين،
پنھنجي ساهن کي ڇڏڻ نڪتو هين.
هتي هر موڙ تي تون ،
موت کي بيٺل ڏسندين.
بيرحم ڪوڙڪيءَ مان،
ڪيئن بچڻ نڪتو هين.

❊

## هوءَ چوڪري

هوءَ چوڪري،
خوابن جي نگريءَ ۾،
پهرين به رهندي هئي،
هاڻي به رهندي آ.
بادل برسي ته روئندي آ،
ڪنوڻ ڪِلي ته ڪلندي آ،
تارن جي وچ ۾ رهندي آ،
چُنري جا ويڙهي هلندي آ،
تارن کان اوڏر ونندي آ.

❊



## هل ته اُن پار هلون

هل ته اُن پار هلون،
جتي تون ويو هين،
نه مان وئي هان.
انهن مستين تي،
انهن بلندين تي،
جتي تون ويو هين،
نه مان وئي هان.

❊

## خواب اسان جا باغي آهن

هونئن تہ دل کي سڀ ڪجھ،
هر پل حاصل آهي.
نيڻ اسان جا تياڳي آهن.
سُر سمورا سَرجن ٿا پيا،
روح اسان جا راڳي آهن.
ٻيو سڀ ڪجھ ٻين جهڙو آهي،
خواب اسان جا باغي آهن.

❊



## هن شهر ۾ ڪا عدالت ڪِٿي آهي؟

هن شهر ۾ ڪا عدالت ڪِٿي آهي؟
جِتي ٻُڌي وڃي منهنجي ڳالهہ.
سا جڳهہ ڪٿي آهي؟
عوام ٻڌجي پيدا ٿيڻ جو
ڏوهہ مون ڪري تہ ڇڏيو
ان ڏوهہ جي سزا جي،
انتها ڪٿي آهي؟

❊

## غمن جي شام

غمن جي ايتري گھري،
شامَ ھُئي جو،
خوشين کي رستو نہ مليو.
غلطفهمين جي،
ايتري وڏي ديوار هئي جو
هُن کي مان،
۽ مون کي هُو نہ مليو.
❊



## پريت جي پاڻي ڏُڪَ لاءِ

پريت جي پاڻيءَ ڏُڪَ لاءِ،
سڪندو رهيو ڪوئي.
تنُھنجي اکين جي رُڃ ۾،
رُلندو رهيو ڪوئي.
هي خوابَ ڇا سرابَ هن،
راتين کان ڏکھي ننڊ کان،
پُڇندو رهيو ڪوئي.
❊

## تنهائي

جنھن پڇيو هو،
منهنجو حال سَرِ شام،
اها تنهنجي ياد هئي،
يا منهنجي تنهائي؟
ماڻھو ھر طرف هُيا ايترا،
جڻ تہ ميلو ھجي ڪو
پڪڙيو هُيو هٿ جنھن
منهنجو
تنهنجي ياد هئي.
يا منهنجي تنهائي

❊



## هُو دل ۾ رهيِ

هُو دل ۾ رهيِ بہ،
ڪڏهن ساڻ نہ رهيو.
هُيس هر ڪنهن سان شناسائي،
پر اجنبي رهيو.
اکڙين ۾ هُيا ويچا،
هٿ ۾ هٿ هُيو.
اُن جي ڪيون چو ڳالھہ؟
جيڪو دل جي رواجن کان،
ڪڏهن آشنا نہ هو.

❊

## ٻيڙي دريا آسمان

ٻيــــڙي دريـــا آســـمــــان،
ســـفـــر ۾ آ ســـارو جـــهـــان.
خــوابــن جــي هُــن راهــگُــزر تــي،
مـحوِسفر تـہ اسان بـہ هُـياسيـن.
پر منزل ڪڏهـن مـلـي ئـي ڪـونـہ،
پڇتاسين ڪڏهن ڪٿي بـہ ڪـونـہ.

❊



## گُلَ صحرا ۾ ڦُٽڻ لڳندا هن

گُـلَ صــحــرا ۾ ڦُـتـڻ لڳـنـدا هــن،
ايندي آ پيار جي جـڏهـن مـوسـم.
خواب تارن سان ڏوپڙ لڳـنـدا هـن،
ايندي آ پيار جي جـڏهـن مـوسـم.

❊

## يادن جون دريون

يادن جون دريون آهن،
اهي بند نہ ٿينديون آهن.
هُوندا هِن ساڻ هرپل،
جيڪي سنگ نہ هُوندا آهن.

❊



## پرينءَ جو گهر

اَڄ اُماوس رات آ،
۽ پِرينءَ جو گهر پري آ.
عڪس ڏسبو آسمان ۾،
جي پِرينءَ جو گهر پري آ.

❊

## اَنگَ اکرن کي کري گڏ

اَنگَ اکرن کي کري گڏ،
ماڻهو کري ڪوڙ ڳڻتا.
توکي هر ڏاهي ڏنا،
ڪُوڙا دِلاسائي سَدا.

❊



## خواب آ يا خيال آ

خواب آ يا خيال آ،
هڪ گهڙي ڇڻ ته سال آ.
زندگي ڇا ائين هوندي آ؟
ڇڻ ته ڪو جنجال آ.

❊

## جيون جهيڙا

جيونَ جهيڙا ٻانهن جهڙا،
گهيري ۾ آڻن ٿا ائين.
جڻ چاهيندا هجن اسان کي،
لڪي لڪي سارن ٿا ائين.

❊

نما شام :تانيا ٿيٻو



## سمنڊ ۾ شام

سَمنڊَ ۾ شامَ لٿيِ،
مون کي پيي ساڻ وَٺي.
۽ وري ويرَ اُٿي،
مون کي پيي ساڻ وَٺي.

❊

نما شام :تانيا ٿيٻو

## جڏهن مون
## سوچيو ٿي پرِيات

جڏهن مون سوچيو ٿي پِريات،
اڻ ڪُٿ انڌياري هئي رات.
جڏهن مون سوچيو ٿي برسات،
ڳوڙهن ۾ وهنتل هئي رات.

❊



## اَگر مَگر

اَگر مَگر ڪا ناهي مون وٽ،
تون بہ تہ ٿورو اعتبار ڪر.
سچي عمر مان ڪندي رهي هان،
تون بہ تہ ٿورو انتظار ڪر.

❊

## ايڏي چو
## گجگوڙ ڪرين ٿو؟

ايڏي چو گجگوڙ ڪرين ٿو؟
جي ڪرڻي ئي ٿئي،
ته شينهن بڻجي نه،
مينهن بڻجي ڪر.

❊



## اي هوا پيرا ڪٽي .

اي هوا پيرا ڪٽي،
تنهنجا ڪٿي پهتي هان مان.
چا خبر تون ساٿ ڏيندئين،
يا هتان موٽي وڃان؟

❊

## تو سَڄڻ ڪهڙا ڪيا

تو سَڄڻ ڪهڙا ڪيا،
جي راهه ۾ رولي ويا.
آسرو ڏئي مرهَمن جو
زخم سڀ ڪولي ويا.

❊

نما شام :تانيا ٿيبو



www.sindhsalamat.com

## نہ پُڇ
## دل ڪان اوسيئڙو

نہ پُڇ دل ڪان اوسيئڙو
بلا ڪهڙيءَ جو نالو آ.
انهيءَ جي زهر ۾ وٿجي،
سموري عمر گُذري آ.

❊

نما شام :تانيا ٿيبو



www.sindhsalamat.com

## ڪي ميٽائيون
## تہ ڪي مرمرين

ڪي ميٽائيون تہ ڪي مرمرين،
سنگِ مرَ مرَ جيان هيون سڀ دلنشين.
هن بستي جي ڳاله ڪري ڪهڙي ڪجي،
جنهنجي هر گُل جي هئي هر ڀنڪڙي حسين.

❊



## بيخواب لمحن ۾

بيخواب لمحن ۾ بارش جون بوندون،
پٽين جي ڳلن تان زمين تي ڪرن ٽيون.
اداسيءَ جي لمحن ۾ چنچل هوائون،
ڪري سڀ ادائون گهٽيءَ ۾ گُهمن ٽيون.

❊

## من – پنڇي

چو اڄ هِردو هِرکيو آهي؟
تنهنجي مَنَ مان گُذرڻ لاءِ.
من جو پنڇي سنيريو آهي،
ڏور اُفق ڏانهن اڏرڻ لاءِ.

❊



## هُو چون ٿا

هُو چون ٿا عورتن تي،
ظلم جو ڪو وجود ناهي.
روز ڳُسن ۽ روز مرن ٿيون،
پر هُو چون ٿا عورتن تي،
ظلم جو ڪو وجود ناهي.

❊

## وَري اُهي بارشون

وَرِي اُهي بارشون،
وَرِي اُهي موسمن جون سازشون.
لُڙڪن ۾ ويڙهيل هِن،
دل جون ساريون خواهشون.
اهڙيون موسمون ڪڏهن اينديون؟
پُوريون ٿينديون،
جن ۾ ساريون خواهشون.
❊



## پيار گهڙيون چار

پيار گهڙيون چار،
ڏئي ڪونہ سگهين تون.
هڪ ڳاله پيار واري،
چئي ڪونہ سگهين تون.
جي ٿو ٻڇين زماني کان،
تہ ڳاله ڪر سِڏي،
هڪڙو بہ عُذر ڍنگ جو،
ڏئي ڪونہ سگهين تون
❊.

## سَمجهين نہ سَمجهين

ها اهو آسان نہ هُوندو آ هميشہ،
ڳاله دل جي ائين ڪيون،
جو تون بہ سَمجهين.
ڏئي چڙي آ هاڻي،
بس اميد ساري،
ٿا وڃون چوندا پوءِ تون،
سَمجهين نہ سَمجهين.
❊



## وار چيڙهيل چَڳُون وچڙيل

وار چيڙهيل چَڳُون وچڙيل،
هر گهٽيَ هر گهيڙَ تي،
هر پيچري هر چانئٺ تي،
تنهنجون هِن اَداؤن وڪريل.
تو زندگي پنهنجي ڍنگ سان،
پنهنجي رنگ ۾ گزارڻ چاهي،
تنهنجي سندرتا تنهنجي ارڏائيءَ جا،
آهن جڙ پٿرن تي نَقش ڇٽيل
❊

## ڳوري ڳِرجا ڳِهنڊ وڄن ٿا

ڳوري ڳِرجا ڳِهنڊ وڄن ٿا،
بادلڙي جي اوسيئڙي ۾،
جڏهن بہ تنهنجا نيڻَ کڄن ٿا.
ڏُور هوا جي رُخ کي موڙي،
بادل جي چُنريءَ کي سوري،
پنڇي سارا اُڏري وڃن ٿا،
جڏهن بہ تنهنجا نيڻَ کڄن ٿا.

❊



## اي هوا

اي هوا تون تہ ڪا ڇري آهين،
جن تي هڪ پل هلڻ سان دم نڪري،
تن ئي راهن ۾ ٿي گُهلڻ چاهين.
اي مَشعَل تون تہ ڪا ڇري آهين،
جن ڪي چانڊوڪيون بہ اڄ تائين،
روشن ڪڏهن ڪري نہ سگهيون،
تن ئي راهن ۾ ٿي ٻرڻ چاهين!

❊

## هيءَ ڪِلَ هيءَ خوشي

هيءَ ڪِلَ هيءَ خوشي،
تہ هڪ ڏيکاءُ آ.
روح جي ذات سان،
ڪشمڪش جو،
درد ان ڪان سواءِ آ.
اندر جو آئينو آ،
بس اُجرو ۽ سچو،
باقي تہ سڀ ڪجھ،
بس ڏيکاءُ آ.
❊



## بي انت

اي دشمن جھڙا دوست،
تنھنجي ڏوکي جو،
۽ اسان جي سادگيءَ جو،
ڪو انت ڪونھي.
سوچيوسين گذري ويندي،
هيءَ رات بہ ٻين راتين جيان،
بي انت ڪونھي.
❊

## عرب اِسپرنگ

عرب اِسپرنگ،
يا اُها بهار جنهن ۾،
سرءُ کان بہ سرس،
گُلَ مُرجهائجي ويا.
خواب مُرجهائجي ويا،

❊



## آخري پهرَ جو چنڊ

آخري پهر جو
چنڊ ڪيڏانهن ويو؟
سُرمئي بادل ڪيڏانهن ويو؟
تارين تي گُل هُيا،
ڪئي پَل هُيا،
سي ڪيڏانهن ويا؟
آخري پهر جو چنڊ،
چنڊ ڪيڏانهن ويو؟

❊

## هي قافلو ڪهڙو قافلو آ؟

هي قافلو ڪهڙو قافلو آ؟
جيڪو انڌ جي گهوڙي تي سوار آ.
ٻين کي ڪٽيندو ڪيرائيندو
اڳتي وڌڻ جي جنون ۾ بيقرار آ.
ترقيءَ جي حرس ۽ جنون ۾،
پيرن هيٺيان ڪيئن ڪو
لتاڙجي چيپاٽجي ويو
ان قِصي کان ئي بي ميار آ.

❊



## او سَکيِ تنهنجي سنگَ جي

او سَکيِ تنهنجي سنگَ جي،
کهڙيِ ڳاله ڪيون،
اچ وري پاڻ ملون.
تنهنجا منهنجا رنگ ٻہ ساڳيا،
دل ۾ هن اُمنگَ ٻہ ساڳيا.
ٿڌڙي اُس ۾ آڳُر ويهي،
اچ تہ ساڳيا سُورَ سَليون،
اچ وري پاڻ ملون.

❊

## تَرڪَش ۾ تيَر ڪئين ها

بي ابر بارشن جا،
ڳالهين مٺين ڪڙين جا،
تَرڳش ۾ تيَر ڪئين ها.
هئي مهجَبين ماه رُخ،
هُن جا اسيرَ ڪئين ها.
جيئندي رهي هميشہ،
بي خوف بي خطر،
هن کي نہ هئي خبر،
هن ڏي حساب ڪئين ها.

❊



## هُو شهر هو بيحد حسين

هُو شهر هو بيحد حسين،
برف سان ويڙهيل پهاڙيون،
هر پهاڙيءَ جي مَٿان،
چڙ هيو ڏيئن جو ميڙ.
جِت هر پل پئي وسندي هئي،
چڙ ڳڪرَن جي ڇير.

❊

## تنهنجي اکين ۾

تنهنجي اکين ۾،
نظر اچن ٿيون.
اهي ساريون ڳالهيون،
جيڪي ڪڏهن صرف،
زماني ۾ هيون.

❊



## درد بس وڌ ندوويو

درد بس وڌندوويو،
ساھ ڇڄ ڪڍندو ويو.
هو رهيو پر انت تائين،
بيرحم جو بيرحم،
زخم ڇڄ رِسندو رهيو.

❊

## سوچن مان ٿو سپرين

سوچن مان ٿو سپرين،
لِڪيو لياڪا پائي.
چنڊ ڪڪر جي اوٽ مان،
هينئڙو ٿو هِرڪائي.
آسمان جهڙ پنهنجي هٿ سان،
بادل ٿو بَرسائي.

❊



## عَڪَس ڇَڏي ويو ڪيترا

عَڪَس ڇَڏي ويو ڪيترا،
پاڻيءَ مٿي پَکيئڙو.
لِڪي روئندو رِڙندو ٿئي،
جهونجهڪڙي ۾ جيئڙو.
ٿو پِرينءَ جي ياد ڏياري
وِلهَ وسنديءَ جو سيئڙو.

❊

## چو اداس راهن ڏانهن

چو اداس راهن ڏانهن،
پيَر وَرَن ٿا؟
بادل اڪڙين ڪان وَسڻ،
چو نہ سِڪن ٿا؟
ڳاله جا پڌري پٽ آ،
چو نہ مڃن ٿا؟
هَٿَ ڳَلَن تان ڳوڙها،
چو نہ اُگهن ٿا؟

❊



## ڇا خبر تنهنجو فسانو

ڇا خبر تنهنجو فسانو سچ هجي،
ڇا خبر تنهنجو فسانو،
ڪائي جهڙو ڪچ هجي.
خاڪ ٿئي هر چيز ان ۾،
باهہ جو ڪو مچ هجي،
ڇا خبر تنهنجو فسانو سچ هجي،
ڇا خبر هيءَ ڳاله ساري،
سچ ڪان سواءِ سپ ڪجه هجي.

❊

## منصف بہ تون

منصف بہ تون مجرم بہ تون،
مان ڇا پڇان مان ڇا ڪڇان؟
تنهنجا سيئي مان فيصلا،
ڇئو ڇو مڃان مان ڇو مڃان؟
مان ڀي تہ آهيان زيست جي،
زيرِ سفر زيرِ اثر.
دل ۽ دماغ ٽا چون،
مان ڀي هُجان مان ڀي هُجان.
❊



## .آسمانَن جي هنجُن ۾

آسمانَن جي هَنجُن ۾،
جيئن ڀِڄي بادل،
مينهن سان ڀي ڪيئن ٿئي ها،
من ڀلا جل ٿل.
تنهنجي سارُن ۾ رهيو جو
من سدا هر پل،
اڄ هوا ڪجه موج ۾ هئي،
۽ هئي چنچل.
❊

## نہ چمڪيو چنڊ پيھر

نہ چمڪيو چنڊ پيھر،
ھڪ دفعو ديدار ٿي جو ويو.
لٿا سپ بار دل تان،
ھڪ دفعو اظھار ٿي جو ويو.
نہ سگھندين ھا ٻ بدلائي،
ھڪ دفعو انڪار ٿي جو ويو.
نہ ويندو ھُنَ ڪنڌيءَ،
ھڪ دفعو ھِن پار ٿي جي ويو.

❊



## ورق ورق سا نڍي .

ورق ورق سانڍي،
زندگي رکيو ھو.
ھن ڏني ھئي ورندي،
جوپي مون پڇيو ھو.
درد پنھنجي جي تون،
ڪا لڳاءِ قيمت،
ھن گھٽو پڇيو ھو پر،
ڪونہ مون ڪڇيو ھو.

❊

## ڳاءِ اجان ڪجھ ڳاءِ

ڳاءِ اجان ڪجه ڳاءِ،
سُرَ جي سُرخ ڏياتيءَ جي،
اجان نہ لاٽ وِساءِ.
مَنَ جي اُجري چادر کي،
نيڻن ساڻ وڇاءِ.
ڳاءِ اجان ڪجه ڳاءِ،
پنهنجي سُرَ جي سونهن جو،
مِنڙا مينهن وساءِ!
ڳاءِ اجان ڪجه ڳاءِ.

❊



## رُت آئي ڳاڙهن ٻيرن جي

رُت آئي ڳاڙهن ٻيرن جي،
ءِ مٺيءَ هاڻن پيرن جي.
اڄ واهن ڏانهن وسڪاري ۾،
رُت آئي سئو سئو پيرن جي.
تن جي دل هِرکي پئي آهي،
جيڪي اڄڻا وڇڻا ڪونہ هيا،
پوءِ ڳاله ڪجي ڇا هيرَن جي.
هاڻي چنڊ چڪور جي ڳاله ڇڏي،
ڪر ڳاله ستايل ڳيرن جي.

❊

## پڙاڏو

نہ آهيون اسان،
محبتن ۾ موٽ جا قائل.
پيار پڙاڏو تہ ناهي،
جو موٽي ملي.
جو ويو سو ويو.
پاڻ وٽ دل رهيو.
پيار قرض تہ ڪونهي،
جو موٽي ملي.

❊



## او لفظن جا جادوگر

او لفظن جا جادوگر!
ڏس تہ ڪيڏو سانتيڪو آ،
اوچو آرڏو ڪارونجهر.
او لفظن جا جادوگر!
پل پل پنهنجي ڳاله مٿين ٿو
ڪيئن پنهنجي جاءِ تي بيٺو آ،
اوچو آرڏو ڪارونجهر.

❊

## ڀهانا ڪئين ملي ويندءِ

ڀهانا ڪئين ملي ويندءِ،
ڪيڏائڻ ڪنڌ جي چاهين.
مگر پوءِ پَت هلي ويندءِ،
ڪيڏائڻ ڪنڌ جي چاهين.
ڪرڻ چاهين ٿو جي آجا،
پلئہَ پنهنجا تہ ڪر دل سان،
مگر چٽئُ چا ملي ويندءِ،
ڪيڏائڻ ڪنڌ جي چاهين.

❊



## رُوميءَ جو رُبابَ

رُوميءَ جي رُبابَ،
گَيت گهڙيا ها ڪيترا؟
تنهن جو ڪو حساب،
ڪيئن رکي ڪيئن رکبو.
قونيا جي مٿي،
ڪيڏي هئي زرياب؟
تنهجو ڪو حساب،
ڪيئن وٺي ڪيئن وٺبو!

❊

## اي انسان

اي انسان!
پنهنجي اندر جي آئيني ۾،
ڦري گهري پيو ڏسندين،
تہ خود پسندي ۽ خود فريبيءَ ۾
هميشہ مبتلا رهندين.
ماڻهن جي دلين ۾ ٽنگيل آئينن ۾،
پنهنجو پاڻ کي ڏس،
تنهنجي صحيح شبيہ،
انهن ئي آئينن ۾ آهي.

❊



## پٽُن ۾ مورَ مُرڪيا

پٽُن ۾ مورَ مُرڪيا،
ڪنهن گهڙي؟
ڪنهن کي خبر؟
چندرما تي چڪورَ هر ڪيا،
ڪنهن گهڙي؟
ڪهڙي خبر؟

❊

## آءُ اُڏامي هَنجڙا

آءُ اُڏامي هَنجڙا،
وياگل مَنَ جيِ،
سارَ لهي وڃ.
توکي ماڳن ورڻو آهي،
پورو وچن جي ڪرڻو آهي،
ويندي ويندي سار لهي وڃ.

❊



## ڪجهه حيرانيءَ

ڪجه حيرانيءَ ڪجه پريشانيءَ،
مان ڏسي ٿي رات چو؟
خواب سپ ڪيڏانهن ويا،
مونکان پڇي ٿي رات چو؟
ڳَڪرَ ڪهڙي ڳُنڍ لڪي ويا.
اڄ حسابن جي پري،
مونکان گهُري ٿي رات چو؟

❊

## تون چُپ آهين

تون چُپ آهين هر ظلم تي،
خاموش آهين هر ڏاڍ تي،
توکان تہ تنهنجي گهر جو،
اُهو ٻار چڱو آهي.
جيڪو روئي ٿو رڙي ٿو
احتجاج ڪري ٿو
پنهنجي ضرورتن تي.

❊



## شڪايت

شڪايت رهي سدا سورن ڪان اسان ڪي،
دردن جا دل تي پر احسانَ گهڻا ها.
هن بس جيئڻ جي واڻَ انوکي هئي ورتي،
جڳَ جا پَرَ هن تي اِلزام گهڻا ها.
هُنَ شهر ۾ هر ڪو ڏوهاري تہ نہ هوندو،
نالي چڙهيا ڪجه گهٽ پر بينام گهڻا ها.

❊

# درد هُيو حاوي

درد هيو هر شئي تي حاوي،
جڻ تہ حياتي ماڪئَ مک جو ڏَنگ هُجي.
چِٽَ ها اُڪريل ائين چوڌاري،
جڻ تہ شفق تي سِجَ لٿي جو رَنگ هُجي.
ڪن پل ۾ رستو ڪٽجي ويو.

❊



# مون چيو هو

مون چيو هو
وسارڻ تي اچجي،
تہ وساري سگهجي ٿو.
تو چيو هو ڏسنداسين.
مون چيو هو
ساٿ بہ ڪنهن رستي جيان،
ڪٽي تہ ڪُٽندو آ.
تو چيو هو
ٿي سگهي ٿو.

❊

## نہ مون کو راز اوريو هو

نہ مون کو راز اوريو هو،
نہ دل کو ساز سوريو هو.
پهر ڪئين پل ۾ گزري ويو،
تہ چڻ ڪنهن وقت توريو هو.
نہ جندڙيءَ کي هُئي،
ڪنهن پَلَ جي ڪا ڳَلَ،
جيترو وقت بہ ڏوليو هو.
ملڻ کان ڪيئن وچئون رهجي،
جو مونکي تو ۾ توکي مون،
جو ڳوليو هو.

❊



## جاڳي پئہ جيئڙا

جاڳي پئہ جيئڙا،
ساوڻ ۾ سيئڙا.
روز روز تہ نہ ايندا.
مستي ۾ مينهڙا،
روز روز تہ نہ ايندا.

❊

## چو ٿا هي ڳِهندَ وَڄن

چو ٿا هي ڳِهندَ وَڄن گرجا جا؟
چو هي منبر تي ڪو چڙهيو آهي؟
اڄ بہ ڪيئي لاش مليا مقتل مان،
اڄ بہ وحشت جي وڏي سُوريءَ تي،
ها لڳي ٿو تہ ڪو چڙهيو آهي.

❊



## جواب

مون وٽ تنهنجي،
هر سوال جو جواب آهي.
پر سوچي وٺ،
تون ڇا منهنجي سيني سوالن جا،
جوابَ ڏئي سگهندين؟

❊

## خواب ۽ امڪان

سچ آهي تہ خوابن جي،
سچ ٿيڻ جو امڪان.
زندگيءَ کي دلچسپ بڻائي ٿو،
پر ڪڏهن تہ اهو امڪان،
خود زندگي بڻجي وڃي ٿو.

❊



## چانڊوڪي

چِٽي چانڊوڪي هُئي،
ڳالهہ ڪالهوڪي هئي،
تو ٻُڌي ۽ مون ٻُڌي،
ڪيئن وسرِي وئي گهڙيءَ ۾،
ڳالهہ راتوڪي هئي.

❊

## چانڊوڪيءَ جو مينهن

چانڊوڪيءَ جو مينهن وٺو آ،
منهنجيون اکڙيون بند آهن پر،
منهنجي من ڪجھ ائين ڏٺو آ.
در جي چِڪَ جي پويان بيهي.
جيئن گوري گهٽيءَ ۾ ڏسندي آ.

❊



## سِنڌوَ جي آئيني ۾

سِنڌوَ جي آئيني ۾،
پنهنجو مُکُ پَسِي ڏس.
ڪيڏا قرض ڪُلهن تي آهن،
پهنجو پاڻ پُڇي ڏس

❊

## هڪ اجنبيءَ جي اَکڙين ۾

هڪ اجنبيءَ جي اَکڙين ۾،
مون ڳولهيو پنهنجي پاڻ کي.
پنهنجي بند مُٺ ۾،
رات واري سپني کي.

❊



## شطرنج جي بازي

شطرنج جي ڪا بازي ناهي،
سياست نعري بازي ناهي.
اسيمبلين ۾ سڀ ڪجھ آهي،
ها بس قانون سازي ناهي

❊

## ويا ويساھ سپ رُسندا

ويا ويساھ سپ رُسندا،
بنا موسم جي اکڙين مان،
رھيا بادل بہ چڙ وسندا.
ھيو ھو ديس بادل جو ٺھيل،
پکي ھر پل رَھيا پُسندا.

❊



## جاڙَجيون ٽا جيڏيون

جاڙَجِيون ٽا جيڏيون،
جيئن تينئن ڪري جڳ ۾.
ڪونہ پُڇي ٿو ڪوئي،
ڪيئن ھلئون ٽا جيڏيون،
جيئن تيئن ڪري جڳ ۾.

❊

## دل هيءَ نادان آ

دل هيءَ نادان آ،
اڻ ڄاڻ آ،
هر هڪ شيءِ کان.
اسان کي ئي،
غرض گهڻو آ،
رسم دنيا سان.
هُو تہ جيڪو چوندو آ،
پل ۾ پُلجي ويندو آ،
اسان ئي ٻڌجي وينداآهيون،
پنهنجي هر ڳاله سان.

❊



## جَهڪا جهيٽا

جَهڪا جهِيٽا،
مون نہ وهيٽا،
خوابن کي سَرچاءِ.
پهرين پنهنجو
پاڻُ کَٿي ڏس،
پوءِ کٿي دل لاءِ.
نيهن نہ نياپو
رُڳو ڏوراپو،
دِل کي ڪجه سمجهاءِ،
پاڻ بہ تہ ڪجه سهِساءِ.

❊

## ٿوُهر جي ڪَنڊِن

ٿوُهر جي ڪَنڊِن،
۽ ٻي در ٻٽين جهڙا ماڻهو،
جن کي پنهنجي مفادن کان سواءِ،
ڪجه سمجه ۾ نہ ايندو آ،
انهن مان اميد رکڻ چڱائيءَ جي
ڀلائيءَ جي سٺائي جي،
ائين آهي جيئن سرءُ ۾،
گلن ڦٽڻ جي آس رکڻ.
ٻبرَن کان ٻيرَ گُهرڻ!!

❊



## تنهنجي سِر تي ڇتِ بہ ناهي

تنهنجي سِر تي ڇتِ بہ ناهي،
چوڌاري ڪا ڀِتِ بہ ناهي،
۽ پيالِي ۾ ٻَٽُ بہ ناهي.
ڇا سرڪار جو فرض بہ ناهي؟
ڇا ڀوتار جو فرض بہ ناهي؟
تو کي ماني ٻَڀو ڏيڻ،
۽ تنهنجي پر گهور لهڻ،
تنهنجي قسمت ۾ ڇو آهي؟
ڏُکَ ڏِسڻ ۽ بُکَ سَهَڻ،
تو وٽ ڪوئي در بہ ناهي،
پوءِ بہ ايندا تنهنجي چانئٺ،
تو کان تنهنجو ووٽ وٺڻ.

❊

## چولتاڙي ويندا آهيون

چولتاڙي ويندا آهيون،
پيرن هيٺيان احساسن کي،
چوڪندا آهيون هميشہ،
محبتن جو زيان هر پل.
نہ ائين سمجھ،
تہ دل ۾ وسيل ناهين.
نہ جو ڪري ٿي تنهنجو ذڪر،
هيءَ زبانَ هر پل.
دشمنن کي بہ ساڻ،
رکڻو پوندو آ،
نہ هوندو آ گڏ هميشہ،
همنوا هر پل،
ڪڏهن فرشتو ڪڏهن ابليس،
بڻجي ويندو آ.
نہ ٿو رهي سگهي،
انسان بہ انسان هر پل.

❊



## موٽي اچ انهن موسمن جيان

موٽي اچ انهن موسمن جيان،
جيڪي وڃي موٽي اينديون آهن.
انهن وِيرُن جيان،
جيڪي ساحل کان دُور وڃي،
وري موٽي اينديون آهن.

ان چنڊ ۾ سج جيان،
جيڪي اڌ ڏينهن جي دُوري کان پوءِ،
وري ورندا آهن.

موٽي اچ انهن ڳوڙهن جيان،
جيڪي ڇپرن جي چانئٺ کان لهي،
وري موٽي ايندا آهن.

موٽي اچ انهن لمحن جيان،
جيڪي يادون بڻجي،
وري موٽي ايندا آهن.

❊

## او امان

توکي پويان ڇَڏي،
ڪيئن اڳتي وڌان؟
منهنجي هر سوال جو
جواب تو وٽ ئي هو
هاڻي ڪنهن کان پڇان؟
توکي پويان ڇڏي،
ڪيئن اڳتي وڌان؟
لمس تنهنجو ٻَشمَ،
دل چوي ٿي تہ توکي،
وري مان ڇُهان.
توکي پويان ڇڏي،
ڪيئن اڳتي وڌان؟
تنهنجي دَڙڪن ۾،
امرت جو ڌارون هيون،
هاڻي ڪنهن کان وٺان.
توکي پويان ڇڏي،
ڪئين اڳتي وڌان؟
تون سدا کان هئين،
منهنجي دل جي سدا،
توکي پويان ڇڏي،
ڪيئن اڳتي وڌان؟

❊



## او انيتا

سَنهڙي سُهڻي،
ڪپہ جي پوٽِي،
او انيتا!
توکي جنهن جنهن،
ڇاتو هوندو،
ڇاتو ۽ سُڃاتو هوندو،
تَنهنجي دل کي،
موهيو هوندو،
تنهنجي دل جي،
سونهن سپيتا،
او انيتا!
توسان دل جا،
تار ڳنڍيل ها،
هر سا روٺي،
دل ۾ وسيل آ،
تيسين تائين،
دل ۾ رهنديءَ،
جيسين تائين،
آجا ٿيندا،
هي ساهن جا،
جوڳي رَمتا،
او انيتا!

❊

## ڀِنَل بَرسات ۾ پيرا

ڀِنَل بَرسات ۾ پيرا،
هوائن جا عقابَن سان،
محبت جا جَفائن سان،
وَري هِن ساٿَ هي ڪهڙا؟
ڳنڍيا هن ڇو وري هِنَ دل؟
نوان رشتا عذابن سان.
هي رشتو ڪنهن نہ سوچيو هو،
وڃي مِلندو عَتابن سان.
لَنگهي پرڀات وئي ڪنهن پَل،
نڪورِي نَئين ادائن سان.
ذهن ڪچا ۽ ڪورا بي اثر،
رهندا هميشہ لاءِ،
نہ ڪڙهندا جي ڪتابن سان.
ڀِنلَ برسات ۾ پيرا،
وري هِن ساٿ هي ڪهڙا؟

❊



## هڪ سوال

ڇا مائن هاڻي اهڙا پُٽَ ڄڻڻ ڇڏي ڏنا آهن؟
جيڪي جبل ڪان ارڏا هوندا هئا،
ڇا مائن هاڻي اهڙا پُٽَ ڄڻڻ ڇڏي ڏنا آهن؟
جيڪي سوريءَ ڪي سِر جو تاج سمجهندا هئا.
ڇا مائن هاڻي اهڙا پُٽَ ڄڻڻ ڇڏي ڏنا آهن،
جيڪي وقت تي وار ڪندا هئا.
ڇا مائن هاڻي اهڙا پُٽَ ڄڻڻ ڇڏي ڏنا آهن؟
جڏهن جبر ۽ ڏاڍ جا ڳاٽَ اڳي ڪان بہ اوچا آهن،
ڇا مائن هاڻي اهڙا پُٽَ ڄڻڻ ڇڏي ڏنا آهن؟
جيڪي جبر ۽ ڏاڍ جا ڳاٽ جهڪائيندا هئا.

❊

## تون ڇو
## ويچا وڏائين ٿو

هي گهايل دل آ هن دل سان،
تون ڇو ويچا وڏائين ٿو؟
ستائين ٿو ڏکائين ٿو،
تون ڇو ويچا وڏائين ٿو؟
خبر آ توکي تو بن من،
ڪڏهن راضي نہ ٿي سگهندو.
سوا تو من هيءَ رهندو منتظر،
نہ ڪاڏي هي وڃي سگهندو.
تون ڇو زوريءَ مچائين ٿو،
تون ڇو ويچا وڏائين ٿو؟
هيءَ گهايل دل آ هن دل ڪان،
تون ڇو ائين هٿ ڇڏائين ٿو؟

❊



## نہ ڪَرضد
## هِنَ دل سان

نہ ڪَر ضد هِنَ دل سان،
هٿ حاصل نہ ڪجھ ٿيندئي.
گهٽي سرڪش ۾ ضِدي آ،
ڪٿڙ جو وجھ بہ نہ ملندئي.
جي ڪندئين ضد انهيءَ سان،
پِرينءَ جو ڏس بہ نہ ملندئي.
ملين ڪنهن پار هُن سان،
اهو پوءِ وجھ بہ نہ ملندئي.
هيو سو ڪير جنهن جو،
دل ۾ ديرو هو صدين کان،
ڪڏهن سو راز بہ نہ کُلندئي.

❊

## تون اُهو سج آهين

تون اُهو سج آهين،
جيڪو ڇهن ئي آسمانن مان،
انهن جي ذرتين تي چمڪيو.
تون اُهو سج آهين،
جنهن ڪان پنهنجي آسمان مان،
ان جي ذرتيءَ تي اپرڻ رهجي ويو.
۽ هاڻي جڏهن تون لهڻ تي آهين،
تہ ڪو پڇتاءُ جو پاڇو
تنهنجي چهري تي،
ڪونہ ٿو ڏسجي،
تون مست مگن آهين،
پراون آسمانن تان،
پرائين ذرتين تي اُپرڻ ۾.

❊



## او چَري

او چَري
تون “تون” آهين،
انهن سڀني ڳالهين جي ڪري،
جن ڪي تون پنهنجي بدنصيبي ٿي سمجهين.
۽ هُو “هو” آهن،
انهن سڀني ڳالهين جي ڪري،
جن ڪي تون هنن جي خوش نصيبي ٿي سمجهين.
ڇا تون ان اِدراڪ ڪان پوءِ،
پنهنجو وجود،
هنن جي وجود سان،
پنهنجي زندگي،
هنن جي زندگيءَ سان،
متائڻ چاهيندينءَ؟

❊

## روپ

نہ سج ڪٿي پڙهيو آ،
نہ ڪنهن ڪٿي لکيو آ،
تہ سج کي ڪيئن اڀرڻو آ،
پر سج روز اڀري ٿو.

نہ نديءَ ڪٿي پڙهيو آ،
نہ ڪنهن ڪٿي لکيو آ،
تہ نديءَ کي ڪيئن وهڻو آ،
پر هوءَ وهي ٿي.

نہ مکڙيءَ ڪٿي پڙهيو آ،
نہ ڪنهن ڪٿي لکيو آ،
تہ هن کي ڪيئن ڦٽڻو آ،
پر هوءَ ڦُٽي ٿي.

منهنجون نظمون بہ ائين آهن،
هنن کي خبر آ تہ هنن کي،
ڪهڙو روپ وٺڻو آ؟

❊



## دل جي ديوار نہ خالي رَک

دل جي ديوار نہ خالي رَک،
ڪجھ تہ لک.
هر گهٽي جي هر ديوار تي،
ڪجھ نہ ڪجھ لکيل آهي،
تون بہ تہ لک،
دل جي ديوار نہ خالي رَک.
ڪوڙ ۾ ٻيائي،
سڀني دنيا کان ئي سکي آ،
تون بہ تہ سِک،
دل جي ديوار نہ خالي رَک.

❊

## انائن جي اوچن بُرجن تي

انائن جي اوچن بُرجن تي بيهي،
ڪير ڪنهن کي سمجهي سگهيو آ،
ڪير ڪنهن جو پلو ڪري سگهيو آ،
تو سمجهيو تون سڄي جهان جي،
جنگ وڙهي رهيو آهين،
پر فتح تہ پنهنجي ذات کي بہ،
نہ ڪري سگهيو آهين.
سنو ٽئي ها اگر هِڪَ جنگ،
پنهنجو پاڻ سان بہ جوٽين هان.
سنو ٽئي ها اگر هڪ جنگ،
پنهنجو پاڻ کان بہ ڪٽين هان.

❊



## ماڻهن جا قِسم

ڪي ماڻهو ريڊيئن وانگر هوندا آهن،
توهان انهن جي اسٽيشن تہ ڦيرائي سگهو ٿا،
پر هلندو اهوئي جيڪو هو نشر ڪندا.
ڪي ماڻهو ٽيپن وانگر هوندا آهن،
توهان ڪجھ بہ چئو ٻڌڻو اهوئي پوندوَ
جيڪو هنن اڳي ئي رڪارڊ ڪري رکيو آ.
ڪي ماڻهو ٽي وي وانگر هوندا آهن،
ڪم جي ڳاله ٿوري،
باقي رڳو پنهنجي ۽ ٻين جي مشهوري.

❊

## اگر مگر آ گهٽي پيار ۾

اگر مگر آ گهٽي پيار ۾،
تڏهن تہ آهيون اجا اڪيلا.
دل کي چوٽ لڳي ئي ناهي،
تڏهن تہ آهيون اجان هَنيلا.

❊



## وڏا وڏا خواب ڏسن ٿيون

وڏا وڏا خواب ڏسن ٿيون
اکيون اهڙا ڏوهہ ڪن ٿيون.
رُئل دل کي ريجهائن ٿيون،
اکيون اهڙا ڏوهہ ڪن ٿيون.

❊

## تنهنجي بادشاهيءَ ۾

تنهنجي بادشاهيءَ ۾ ڏوليا،
ڪونہ اسان سان خير ٿيا.
توسان جي هينئڙو نہ ونڊيان
چئہ پوءِ ڪنهن سان سور سليان.

❊



## سرد هوا

او سرد هوا،
بي درد هوا،
چئُہ ڪهڙا توسان،
دَردَ وَنڊيان؟

❊

## اڳڻ مٿي اوپرا

اڳڻ مٿي اوپرا،
ٿا ڪَڳَر ڪارون ڪن.
ڇَپرَ مٿان ڇپر تان،
پيا ٿا ڇَٽڪارون ڪن.

❊



## هوا بيباڪ آ

ڪونہ هلي سگهنديِن تون،
هُن کي گڏ ڪٽي.
هوا بيلاڳ آ رولاڪ آ،
بيباڪ آ گهٽي.

❊

## جهلمل بادل برسيا

جِهلمل بادل برسيا،
رِل مِل ٿي وئي ورشا،
پوءِ بہ منَ
پوءِ بہ من ها ترسيا
بوند بوند لاءِ

❊



## دل ڪي لڳو

ڇو دل تو لاءِ بيقرار هو.
دل ڪي لڳو تہ توسان پيار هو.
ڪجه پل ٿورو اعتبار هو.
باقي سڄو تہ انتظار هو.

❊

## سَڄَ سان سرچاءُ

سَڄَ سان سرچاؤ ڪيون،
اڄ ڪو پرچاؤ ڪيون.
سڀ وِساري
سڀ وساري انديشا،
ٻيهر ويساهہ ڪيون.

❊



## چارڻ

وچ چارڻ چنگ کي چوري چؤ،
۽ ڳاله سموري کولي چؤ.
تون نڪتو آهين ڳولها ۾،
ان رستي جي جو ڪنهن نہ ڏٺو.

❊

## دردن جيئدان ڏنو

دردن جيئدان ڏنو
ڳوڙهن ايمان ڏنو.
ڌرتي تنهنجي ڪُک کي،
ڏاتر انسان ڏنو.

❊



## اورستا

اورستا راھ ۾ رولي وئين،
۽ درد سمورا ڪولي وئين.
جو پورو ڪونہ هيئي ڪرڻو
سو ڪئين پلا تون ٻولي وئين.

❊

## چانڊ ستارا لٽا پهاڙن تي

چانڊ ستارا لٽا پهاڙن تي،
بادل جي جهُرمٽ ۾ کِلندي کِلندي.
چانڊ ڪڪر ٽڪا پهاڙن تي،
سبز ساون پيچرن تي رُلندي رُلندي.
❊

## اِظهار

جنهن کي هميشہ پاڻ تي،
تنقيدَ هُنَ سمجهيو.
منهنجي اندر جيِ اضطراب جو،
اِظهار سو هيو.
❊



## نِما شام

نِما شام ۾ اوسئيڙو،
وهمن ۾ ورتل هينئڙو.
تنهنجي ياد ۾ هي سيئڙو،
جوت وندي ٿو جڻ ڏيئڙو.
❊